# لاڙ جو سير

مصنّف

الله بچايو يار محمد سمون

١٤١١ھ / ١٩٩١ع
سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ

# لاڙ جو سير

مصنف

**الله بچايو يار محمد سمون**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو - حيدرآباد سنڌ.

پاڪستان

١٤١١/١٩٩١ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

چاپو پهريون سال ١٩٧١ع تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيو سال ١٩٩٠ع تعداد ٢٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

**قيمت: ٽيهه روپيا**
**[Price Rs: 30-00]**

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

ٽپال جي ايڊريس:

(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ).

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ مسٽر ولي محمد رونجهو "ولي سروري" سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان شايع ڪيو.

# فهرست


| | |
|---|---|
| لفظ | ١ |
| ـ ر | ٩ |
| لاڙ جي تاريخي اهميت | ١٤ |
| لاڙ جي ادبي اهميت | ١٩ |
| سنڌي شعر جي مختصر تاريخ | ٣٤ |
| سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ | ٥٦ |
| لاڙ جي ڏک رات | ٦٨ |
| لاڙ جي ٻيه رات | ٧٩ |
| جهنگ جو سهر | ٩٢ |
| لاڙ جا مالهو | ١٠٦ |
| ماڻهن جي رهائش ۽ پوشاڪ | ١١٤ |
| لاڙ جي صحت | ١١٨ |

## ناشر طرفان

”لاڙ جو مير“ هن کان اڳ به سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي. ڪتاب ۾ موجود مواد جي افاديت ۽ اهميت ڪڏهن به گهٽ نه ٿي سگهندي، ان ويچار کي آڏو رکي اسان هن ڪتاب کي وري به ڇاپي هيٺ آڻي رهيا آهيون. هن ڪتاب ۾ ڪيترائي موضوع هڪ ٺي وقت آهن، جن ۾ تاريخ، ادب، ثقافت، جاگرافي ۽ ٻيا انيڪ موضوع يڪجا آهن.

هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏسڻي (انڊيڪس) ڏيڻ سان محقق کي آساني ڪري ڏني ويئي آهي. جيتوليڪ ضخامت ۽ قد بت ۾ هيءُ هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي، پر موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان، ادب ۾ خاص اضافو آهي.

اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ ۽ سنڌيءَ متعلق نئون مواد آڻڻ سان گڏوگڏ، جن ڪتابن جي طلب آهي ۽ اڻ لڀ ٿيندا وڃن تن کي وري وري ڇاپي عام ڪجي، جيئن کوٽ نه اچي.

سنڌي ادبي بورڊ جي واجب الاحترام چيئرمين صاحب ۽ سڀني فاضل ميمبر صاحبان جي رهبريءَ ۽ هدايتن هيٺ

اسان ان لائق ٿيا آهيون جو هيءُ ڪتاب ڇاپي هيٺ آڻي سگهيا آهيون. سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪندڙ ساٿين جي محنت لاءِ به متعرف ۽ مشڪور آهيان. مهرباني.

ڄام شورو
١٥- جنوري ١٩٩١ع

- ولي محمد رونجهو
(ولي سروري)
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

هن ڪان اڳ ”سير ڪوهستان“ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪوهستاني ماڻهن جي رهائش، خورڪ، ٻولي ۽ تهذيب جهڙيءَ طرح بيان ڪيل آهن. هن ڪتاب ۾ وري لاڙ واري ڀاڱي جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو نوع ”سير ڪوهستان“ کان ارالو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪوهستان کي پنهنجو ادب ڪونهي، تنهنڪري سندس احوال ٻه ٽڪ ۽ ٻي رس ڪهاوت جيئن وڃي پورو ٿئي ٿو. مگر لاڙ جو اندروني احوال ڇڪي ڇوڪي تاريخ تي وڃي ختم ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري لاڙ جي سير جي نوعيت وري نرالي آهي.

ڪوهستان کان پوءِ يڪدم لاڙ جو سير ۽ ان جو احوال لکي، انهيءَ ڪري سجايو سمجهيو ويو، جو ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته لاڙ جا لاڳاپا، ريتين رسمن ۽ ٻوليءَ ۾ ڪوهستاني قومن کي وڌيڪ ويجها آهن. تنهنڪري ئي سنڌ جي ٻين ڀاڱن جي احوال لکڻ کان اڳ لاڙ کي ياد ڪيو ويو.

مصنف هن ڪتاب ۾ اها ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ اصلي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪري، جنهن سان پڙهندڙن کي خبر پوي ته اصلي سنڌي ۽ اڄڪلهه جي سنڌيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي. سنڌ ۾ هيءُ قدم تحسين ۽ مبارڪباد جي لائق آهي، جو صاحب موصوف، وچايل وٿن کي هٿ ڪرڻ ۾ حتي الامڪان ڪوشش ورتي آهي. اميد ته هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ موزون معيار ثابت ٿيندو، جو نه رڳو اهل ادب ۽ اهل زبان جي آڇ آجهائيندو، پر ڪين اصليت ڏانهن رجوع ڪندو.

عثمان علي انصاري
ايم - اي (لنڊن)

# پيش لفظ

هاڻوڪي سنڌي ٻولي، جا سنڌ جي گهڻي ڀاڱي ۾ عام طرح ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، اصلوڪي سنڌي ٻوليءَ کان گهڻي قدر مختلف آهي. اسان مان گهڻا شايد انهيءَ راءِ جا ٿين ته اڳوڻي سنڌي، پنهنجي سر هڪ نرالي ٻولي هئي، جا انهيءَ وقت ۽ انهيءَ قوم ۾ ڳالهائي ويندي هئي. مگر حقيقتاً ٻنهي ۾ نسبت ائين آهي، جيئن اصل کي ڇاپائي نقل کي ظاهر ڪجي. اڄڪلهه جي سنڌي ٻولي اصل سنڌيءَ جو نقل آهي. هاڻوڪي سنڌي ٻولي مشرقي ۽ مغربي ٻولين جهڙوڪ: عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جو ايترو ته گهرو اثر پيو آهي، جو سنڌ ۾ نسبت سنسڪرت سان قائم ڪرڻ بدران مذڪوره ڌارين ٻولين ڏانهن منسوب ڪرڻ وڌيڪ صحيح پيو معلوم ٿئي. ڪيس سنسڪرت جي ڌيءَ مڃڻ بدران عربي ۽ فارسيءَ جي ڀيڻ سمجهڻ، حقيقت کي قريب پيو نظر اچي. اصليت جي گم ٿي وڃڻ ڪري ۽ مصنوعي لباس پهرڻ ڪري سنڌي ٻولي پنهنجون موروثي ۽ فطرتي خوبيون مثلاً مٺاج، تواضع ۽ سنجيدگي وڃائي ويٺي آهي.

جي رهاڪن کي تڏهن چاڻ پوندي جڏهن هنن جو ڳهاڻو واسطو لاڙين سان ٿيندو. ٻري نه وڃو، شاهه عبداللطيف رح جو رسالو کولي ڏسو. جتي جتي نماڻائي ۽ عاجزي ظاهر ڪئي ويئي آهي، اُتي آتي انهيءَ جو لاڙي محاورن يا لاڙي الفاظن سان اظهار ڪيو ويو آهي، مثلاً:

منهنجو ڪچاڙو، پيئر هن پنوور ۾.

هيءَ سٽ پڙهندي پنهنجي تخيل کي ڊورو تيز ڪريو، ۽ پوءِ اها سٽ پڙهندي، سٽسٽي جو تصور پنهنجي آڏو جهليو. ڏسو ته انهيءَ سٽ ۾ ڪيڏي نه انڪساري بيان ڪيل آهي. جيڪڏهن ساڳي سٽ شاعر هن ريت چوي:

منهنجو آهي چا پيئر هن پنوور ۾

ته به معني ۾ ڪو ڦير ڪونه پوي ها. ليڪن هڪ لفظ "ڪچاڙو" جي ڪم آڻڻ ڪري جا نماڻائي ظاهر ٿئي ٿي سا "آهي چا" مان ڪانه ٿي نڪري، ٻر پاڻ ان مان آڪڙ جي بوءِ پيئي اچي.

آيي اوسيڙان آس ۾، جهلو ڪڻن ڪنار،
ڳهاتو ڳهر نه آئيا، وڏي لنگهيئن وار،
هيس جنهن هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.

"آيي اوسڙان" اوسيڙو لفظ لاڙي رواج مان آندل آهي. هتي ٿورو ويچار ڪري ڏسو ته انتظاريءَ جو نقشو فقط هڪ لفظ "اوسڙان" جي ڪم آڻڻ ڪري ڪيترو نه چٽو ۽ صاف ٿي بيهي ٿو. منجهائنس ڪيتري نه نماڻائي پڻ ظاهر ٿئي. "وڏي لسڪيئن وار" هيءَ سٽ اچا ۽ وڏيڪ انتظاريءَ جي ڏيل دَرد کي کولي ظاهر ڪري ٿي، مگر انتظاريءَ جو اظهار جنهن نماڻائيءَ سان بيان ڪيل آهي، تنهن جو نظير ڪنهن بيءَ ٻوليءَ ۾ مشڪل ٿيندو.

ڪال ڪلاچي وئا، چتيون ڪٿي چنگير،
پاڻرن پيرو نه ڪئو، آدَن ڪيي آوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪٿن ورائـي جهـلي.

پاڻرن پيرو...... هن سٽ مان ڪيتري نه رقت انگيزي محسوس ٿئي ٿي. پاڻرن جو پيرو نه ڪرڻ، آدن جي آوير ڪرڻ، اهي جملا هڪ اوسيڙي ۾ ٻئي پنهنجي واتان نڪرن، سي پڙهيو ته پڙهندڙن تي ڪهڙو نه اثر ڪندا؟ ڪيئن نه سندن ڳچ ڳاريندا ۽ وَچ ڪٽائيندا! انهن جملن ۾ جو جادو ڀريل آهي، سو صرف "پيرو نه ڪرڻ" ۽ "آوير ڪرڻ" لفظن مان ظاهر آهي، جي پڻ لاڙي محاورا آهن.

ڪو جو ڦهر ڪلاچَ ۾، جو گهوڙي سو نئي،
خبر ڪونهَ ڏئي، ته رَتِ ڪپاڙي رنڊ ٿا؟

هت ڏسو ته پنهنجي بيخبري، پر، دردوند يءَ دل سان ڪيئن نه هڪ لفظ "ڪچاڙي" ڪم آڻي سان بيان ڪئي ويئي آهي. هڪ نماڻي تصوير ڪنهن پٽ جي آڙ ۾ بيٺي آهي، ڳل تي هٿ رکيو پنهنجي اندر سان ائين پيئي اوري ته "خبر ڪونه ڏني، ته رڃ ڪچاڙي رنڌ ڻا؟" ڪهڙي نه نماڻي ادا سان هيءَ بيخبري ادا ڪئي ويئي آهي. اها خوبي صرف انهيءَ ڪري ئي مٿين بيت ۾ ڏسجي ٿي جو منجهس لاڙي محاورو ڪم آيل آهي.

لاڙي ماڻهو پنهنجي نماڻي ٻوليءَ پٺيان خود به نماڻا ۽ نهٺا آهن. جڏهن هنن جو ڪلام تيزي ۽ تندي‌ءَ کان آجو آهي ته پوءِ منجهن تيري ۽ شوخي ڪٿان اچي؟

اڄڪلهه جا عالم ۽ سياڻا لاڙي ٻوليءَ ۾ هڪ هيءَ وڏ وجهن ٿا ته لاڙي ٻولي ڏورو ڀاتي ٻولي آهي. اها وڏ ميڃڻ جي قابل آهي، پر انهيءَ گهٽتائيءَ ڪري ڪو گرامر تي اثر ڪونه ٿو پوي، جيڪي ماڻهو پنهنجي زبان ۾ پورو مفهوم ادا ڪري وڃن، ۽ گرامري ڪسوٽيءَ تي لڳي سنوان سڌا ۽ صحيح ثابت ٿين، تن کي يا تن جي ٻوليءَ کي غلط يا ڀاتي ٻولي سڏڻ ۽ سمجهڻ به عيب آهي. چاڪاڻ ته اها سندن ڳالهائڻ جي ٻولي آهي ۽ نه لکڻ جي. لاڙي ٻوليءَ ۾ جا گهٽتائي ڏٺي وڃي ٿي تنهن لاءِ لاڙي ماڻهن کي گهٽ جوابدار سمجهيو وڃي ٿو، چاڪاڻ ته اها گهٽتائي

منجهن صحبت يا سنگت جي رَس ڪري پيئي آهي.
دارد ڪ ٻولي، جا ڪشمير ۽ پنجاب جي طرف ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهن ٻوليءَ جا ڇاڙو جڏهن لاڙ ۾ اچي رهيا تڏهن سنڌن رهائشي اثر ڪري لاڙين تي به ٻوليءَ جو گهاڙو اثر پئجي ويو جو هن ربت آهي:

دارد ڪ ٻولي ڳالهائيندڙن پنهنجي ٻاتائيءَ ڪري، يا پنهنجي زبان روانيءَ جي سهنجائيءَ ڪري، يا پنهنجي ساهتيه جي لحاظ ڪري، گهه، جهه، ڍ ۽ ڀ جو آچار ڪ، ج، ڊ، د ۽ ب ڪري استعمال ڪيو ٿي. لاڙي ماڻهو جي سنڌن لَهه، وِچڙ ۾ اچي ويا تن تي به سنڌن پورو اثر پئجي ويو، تنهنڪري هو به انهن ئي ڳالهائڻ لڳا.

مثلاً:

| | | |
|---|---|---|
| ڀَريو | بدران | بريو |
| گهڙيو | " | گڙيو |
| جهڙيو | " | جڙيو |
| ڍَرو | " | ڊرو |
| ڌَني | " | دني |

پيون به ڪي ڦيريون ڦاريون ڪيائون. مثلاً،

| | | |
|---|---|---|
| ڙ | بدران | ر |
| ڻ | " | ن ۽ ڙ |
| جيئن ته چڙهيو | " | چريو |
| ماڻهو | " | ماڙهو |
| ٻاڻ | " | ٻان وغيره |

لفظن ۽ حرفن جي اهڙي مٺا مٺا کو وڏو عيب ڪونهي. اهوڪي درمي سنڌي ۾ ڌارين لفظن کان آجي ڪانهي. لاڙي ٻولي جا اصل ۽ نج سنڌي ٻولي آهي تنهن کي ايتري ڦيرڦار ڪري ڇڏي ڏيڻ اهڙي ڇرپائي ۽ بي همتي آهي، جهڙي ڪو ماڻهو ڪٺي خزاني جي ٻريل ديڳ ڏسي، پر مٺائس ڪنڊا ڪاٺيون ۽ پتر پٿر ڏسي تڪليف ڪرڻ کان ڊڄي ڇڏي اچي؟

# لاڙُ

جاگرافيءَ جي ڄاڻن لاڙ کي سنڌ جو پنجون طبعي ڀاڱو ڄاڻايو آهي. طبعي ورهاست جي ويچار سان اِها ورڇ پوري آهي، پر زبان ۽ ادب جي لحاظ سان اهو ورهاڱو اڻپورو آهي. ادبي لحاظ، جنهن جو هت اسان کي وڌيڪ خيال رکڻو آهي، تنهن موجب ساري سنڌ ملڪ جو لڳ ڀڳ اڌ ڀاڱو لاڙ ۾ اچي وڃي ٿو. وچولي جا رهواسي حيدرآباد کان هيٺ واري ڀاڱي کي لاڙ سڏين ٿا؛ پر اُتر جا رهواسي نوابشاهه ضلعي کان هيٺ واري ملڪ کي لاڙ ڄاڻائين ٿا، جنهن ۾ حيدرآباد ضلعو سڄو، دادو ضلعي جو اڌ، ٿر ضلعي جو وڏو حصو اچي وڃن ٿا. هتي پوئين ورڇ ادبي لحاظ سان ساڪاني سمجهي وڃي ٿي، تنهنڪري اسان جي لاڙ جو سير انهيءَ سر زمين سان ڳنڍيل سمجهڻ کهرجي.

لاڙ هيٺانهون ڀاڱو آهي، تنهنڪري منجهس پاڻيءَ جي پوٺائي ڪاهه پسبي. درياءَ اندر ڪو ريڙهو هوندو، سو لاڙي سر زمين تائين اوس رڙهي اچي پهچندو،

ائين ٿي پوک لاءِ نڪي آهي، تنهنڪري هٿ ٿي ڪونہ لائينس. جي ڪنهن ڪيڙي تہ ڪٽيو ٿي ڪوٽ جهڙو.

ڪاري زمين ٿي ڪارا وڻ ۽ ٻُوٽا. مثلاً ڪاريئون چاريون ۽ لاٺا جام ڏسبا. چارين ۾ پيرون جام پچن پر ٿُو ڪتا! واهن جي پرسان کهاٽا ٻيلا ڏسبا، جن مان لاک، ڪنئور، جلائو ڪاٺيون ۽ ماکي ملي. ٻيلا گهڻو ڪري سرڪاري آهن، ڪي ٿورا، زميندارن جي پنهنجي ملڪيت بہ آهن. ٻيلا ٻاگين جو پرجهلو آهن ڏڪار خواهہ سڪار ۾ ٻيلا سدائين ساوا رهن، تنهنڪري آوسر ڏينهان مالدار مال ڪاهيو وڃيو ٻيلن پاسي رهن. ڪڙين ۽ واهن جي ڪنارن سان ڪانهن جون قطارون ڏسبيون، جي اهڙيون تہ گهاٽيون ۽ گوڙهيون آهن، جو منجهن وِڪ ٽي ميرڻ جا ٽاڪ ڏسبا. ميرڻ مارڻ ۽ ڪمند کي خوب کائين.

باغات هن ملڪ ۾ ٻئي ملڪ کان گهٽ آهي. حيدرآباد ضلعو سڄو، خاص ڪري ڦليليءَ جا ڪپ، ۽ ڪراچي وارو ٻاگو باغات کان مشهور آهن، جتي ميون سان گڏ ٻاچيون ۽ آرڻ بہ جام پوکين. هتان جو ميوو سڄيءَ سنڌ ۾ وڃي، پر ٻاهر بہ وڃي.

مانوٽيءَ ۾ درياءَ جو جوش وڌي، واهہ ۽ ڪسيون ڦنوهہ ڏينديون وهن. پاڻيءَ جي ٻلٽ کان دڙيون دڪا، ڏنيون ڏوڻ سڀ پوڏ هيٺ اچيو وڃن، گهڻي

پاڻيءَ ۾ پون، تنهنڪري پاڻي ويتر ڇتو ڪيو وجي. لاڙي ماڻهو اهڙي پاڻيءَ تي بيمار ٿيو وڃن، تنهنڪري اهنج ڪونه ڪرين. باقي مِٺي هيراڪ اتي ويو ته ڇڻ موت جي منهن پيو. انهن تڪليفن ڪري لاڙ کي ساڙ ڪري سڏين.

# لاڙ جي تاريخي اهميت

تاريخي لحاظ سان لاڙ کي سڄي سنڌ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. سنڌ جي ويجهڙائيءَ ڪري ۽ منجهس جهونن وسمنڊڙن بندرن ۽ شهرن هجڻ ڪري هيءُ خطو چمڪندڙ ستاري مثل هو. عربن کان اڳ هندو زماني ۾ منجهس وڏا وڏا بندر ۽ مشهور واپاري مرڪز هئا. مثلاً ديبل بندر، ڀنڀور، سير ڳنڍو، نيرون ڪوٽ ۽ برهمڻ آباد وغيره. انهن بندرن ۽ مکيه شهرن سان ڏورانهن ملڪن جو واپار سامونڊي خواهه سڪيءَ رستي هلندڙ هو. واپاري نموني ڏي وٺ ڪرڻ ڪري، ۽ انهن ملڪن سان ڏيٺ ويٺ رکڻ ڪري هتان جا ماڻهو گهڻين ڌارين ٻولين ۽ رسمن کان واقف هئا. هتان جي بندرن تان ايراني نار، عراق، نجد، عمان، يمن، حجاز، مصر ۽ سوڊان تائين ۽ ڀارت ۾ ملبار ۽ سورت بندرن تائين وڏي پيماني تي واپار هلندڙ هو. قافلن جي رستي افغانستان، ايران، مڪران وغيره ملڪن سان ڏي وٺ ٿيندي هئي.

سڀ کان اول هن سرزمين کي ئي اهو شرف حاصل ٿيو جو مٿس اسلامي فاتح محمدؐ بن قاسم پنهنجا پير پَڌاريا ۽ کيس باب الاسلام جي لقب سان ملقب ڪيو. اسلامي تهذيب ڦهرجڻ هتي آئي ۽ پوءِ هتان کان ئي اڳتي وڌي. عربن سنڌ تي ٣٠٠ ورهيه راڄ ڪيو. اهڙي وڏي عرصي ۾ سنڌ حڪومتي مرڪز يا گادي جو هنڌ سرزمين لاڙ تي ٿيندو رهيو. عربن جي حڪومت جو اثر ملڪ تي ايترو پيو جو انهيءَ وقت جا اڻ پڙهيل ڏنار به عربي ٻولي سولائيءَ سان سمجهي ۽ ڳالهائي سگهندا هئا.

عربن سان گڏ وڏا وڏا عالم، فاضل ۽ اديب به آيا هئا، جن هتي اچي درس تدريس جاري ڪيو. حڪومت جي ڪيترن شهرن ۾ وڏا وڏا مدرسا قائم ٿي ويا، جتي عرب خواه سنڌي نومسلم گڏجي تعليم وٺندا هئا. انهن مدرسن منجهان ڪيترائي سنڌي سندون حاصل ڪري ويا. وڏا وڏا محقق ۽ محدث پيدا ٿي پيا، جن پوءِ عربن سان گڏجي ڏورانهان ڏيهه وڃي واسيا. اڄ تائين به انهن سنڌين جو اولاد عرب ۽ مصر ۾ درس تدريس ڏيندو نظر اچي ٿو. حاصل مطلب ته سنڌ جي ڀين ڀاڳن لاءِ به علم و ادب پيراڻي جا دروازا هتان ئي کُليا.

عربن کان پوءِ اڄ تائين ڪيترين قومن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي. حڪومتن جي مٽسٽ ٿيڻ ۾ ڪيترين ئي جنگيون لڳيون هونديون، جي گهڻو

ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو ڪٿي اچي عبرت وٺي وڃن
ٿا. آهي لعل اڄ بہ سُڄن لاءِ سُر آهن، ڏکين جو
جو ڏَڏ آهن، اسونهن جا سونهان آهن، ۽ هر دردونديءَ
دل جا درمان آهن. اڄ بہ ڏسو تہ ڪڇهرين ۾
انهن جا قول ۽ ڪلام ماڻهو وڏي چاهہ سان چيٽا
چيو دل پيا وندرائين ۽ پنهنجو ڪوندر پيا گهٽائين.
ڇا ايتري خوبين ۽ خاصيتن جو مالڪ لاڙ ملڪ سنڌ
بجاءِ روءِ زمين تي ناز ڪندي نٿو سونهي؟

# لاڙ جي ادبي اهميت

اوهان مان جيڪي ويڙهيچا، ويڙهه ۾ رهاڪ آهن، يا جن کي جهنگ جهر مان گهڻو واسطو رهيو آهي، تن کي اها وڌيڪ خبر هوندي ته جهنگلي وڻ ٽڻ ۽ ڪُنڊل ٻوٽا موسمن جي مٽ سٽ ٻوٽتان ڪيئن نه پنهنجون صورتون ۽ حالتون بدلائين ٿا. ڪنهن سال جو بهار اهڙو ته زور وارو هوندو آهي جو ايندڙ خزان سندس اثر ڪري لڪ ئي ڪانه ڏيندي آهي، وري ڪڏهن ته خزان جو دُور اهڙو زور نٿي جو ڪيئن بهارون اچن مگر اوٽ لڪائي ئي ڪين لڳن. يعني هرهڪ مند پنهنجو پنهنجو اثر رکي ٿي. اهڙيون ڪيتريون ئي مٽِندون، خواهه ڪمٽِندون اوهان ڏٺيون هونديون. مگر مٽِنڊ سارو ماکي ضرور ڪٿان نه ڪٿان هٿ آئي هوندو. ماکيءَ جي مک، جنهن جو ڪم ئي آهي مٺي رس گڏ ڪرڻ يعني چڱائيءَ جو ڪم ڪرڻ تنهن کي اهڙي ڪم ڪرڻ کان ڪير روڪي ۽ ڪير ٽوڪي، تنهنڪري ڪٿان ٿوري ۽ ڪٿان گهڻي ماکي آڻيو مڙيو ئي پنهنجو مانارو ڀري.

لاڙي سرزمين، جنهن تي حڪومتن جي ڦير گهير گهڻي ٿي، اُن تي اهڙا انقلاب ڪنهن وقت بهار ۽ ڪنهن وقت خزان ٿي ٿي ثابت ٿيا. انهن انقلابن ۾ لاڙ، جنهن ماڪيءَ جي مکڻ جو ڪم پئي ڪيو، تنهن ڪنهن زماني سان ٿوري ۽ ڪنهن زماني سان گهڻي ماکي پئي ورتي، سون سالن جي سرٺوڙ ڪوشش کان پوءِ نيٺ هن پنهنجو مانارو پريو، جنهن مان نه رڳو سڄيءَ سنڌ رَسُ ورتو پر انهيءَ ماکيءَ جي مٺاس اوپر تورڙي اولهه ۾ رچائي ڇڏيو.

سرزمين لاڙ کي جا پهرين بهار هٿ آئي سا هئي عربن جي حڪومت. عرب سنڌ ۾ ڇو آيا؟ تنهن جو بيان تاريخن ۾ ڏنل آهي. هت فقط اهو ذڪر ڪرڻو ته عربن سنڌ وارن لاءِ ڇا آندو يا سنڌ وارن عربن کان ڇا ورتو؟ اسلام جي ظهور کان پوءِ عرب روءِ زمين جا فاتح مڃيل هئا. هو جنهن عالمگير مذهب جا پيرو هئا، تنهن مذهب ۾ عالمگير برادريءَ يا مساوات جو وڏو حصو جذب ٿيل هو.

جمعي جي ڏينهن ماه محرم ٩٣ هه ۾ جڏهن عرب، فاتح محمد بن قاسم جي سرڪردگيءَ هيٺ ديول بندر جي ديوارن جي ڇانوَ ۾ اچي ڇانهريا، عين انهيءَ وقت هن سرزمين جي رهواسين جي دلين تي ڇنڊو پيو. جڏهن ته صبح جي هير اهو سنيهو سنڌين کي سڏيو ته ”اي اوچ نيچ ۽ ذات پات جي بندشن ۾ ٻڌل سنڌيو!

اهو عربي زماني جو ميناس هو جو لاڙي سرزمين سڀ کان اول چوسيو ۽ پنهنجي سانـاري ۾ ٿـمـي ٿاڪي رکيو.

عربن کان پوءِ سومرن جو دؤر آيو. هيءُ دؤر ادبي نقطہ نگاه سان گويا هڪ بهاريءَ پٺيان خـزان هو. تنهنڪري جي سـلا عربن جي حڪومت ۾ آيريا سي اتي ئي سڙي سڪي ويا ۽ جي سکرزيوڻ سرجيون هيون سي بنا ڪنان جي اتي ئي سڙي سڪي ويون! اها ساکناڻي ڪانهي جو انهن چئي سگهجي ته سومرن جو زمانو صفا اونداهو زمانو هو. شايد منجهس ڪي سالڪ ۽ سڌير پيدا به ٿيا هجن، جي يا ته تاريخ جي انـداري ڪري يا حڪومت جي لاپرواهيءَ ڪري انهن ئي رهجي ويا هجن. سومرن جو زمانو جبر ۽ تشدد وارو بدڪارين ۽ سيہ ڪارين وارو زمانو ڄاڻايو وڃي ٿو. تڏهن سمڪن آهي ته حڪومت جي اعمالن جي تصوير ڪن مصورن (شاعرن) ۽ ڪن نقادن (تواريخ نويس) ويهي چٽي ۽ لکي هجي، پر وقت جي نزاڪت ۽ حڪومت جي رعب و تاب ڪي ڏسي متان ويچارن وينجهارن جيڪي درج ڪيو هجي سو دٻي رکيو هجي جو ڪلر کائي ويو هجي.

سومرن کان پوءِ سمن جو دؤر آيو. هن وقت ۾ ارغونن جي دخل ڏيڻ ڪري دفتري ٻولي پارسي ٿي، تنهنڪري ماڻهن پارسي سکڻ تي گهڻو ڌيان ڏنو. ارغونن

ايران مان پاڻ سان شاعر به آندا هئا. سنڌين به پارسيءَ ۾ ايتري مهارت حاصل ڪئي جو پارسيءَ ۾ پختو شعر چئي ويندا هئا ۽ نثر لکڻ جا به ماهر ٿيا، جو ڪيترن سنڌين پارسيءَ ۾ وڏا وڏا ڪتاب لکي شايع ڪرايا جي ان وقت جي مڪتبن ۾ پڙهايا ويندا هئا. اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيو تہ پاڻڄي جو حڪومت جي نوازش ۽ قدردانين ڪري شايد سنڌين سنڌي زبان ۾ ڪجهہ بہ لکڻ کان عار ٿي سمجهيو.

ڪئپٽن جارج سٽئڪ چوي ٿو تہ "عربي ۽ پارسي سکڻ جو ماڻهن کي ايترو تہ چاهہ هو جو سنڌي ٻوليءَ کي هو مسخرن جي ٻولي ڪري چوندا هئا." شايد انهيءَ ڪري ٿي ڪنهن عالم يا اديب سنڌيءَ ۾ ڪجهہ بہ لکڻ کان پاسو پئي ڪيو ۽ يا تہ سنڌي لکڻ جي هنر کان بلڪل بي بهره هئا.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سومرن کان پوءِ جو سمن جو زمانو آيو، سو ادبي لحاظ سان هڪ خزان پٺيان اهڙي بهار هو جنهن جي اثر کي پوءِ ڪابہ خزان لوڏي ڪانہ سگهي. اسان کي سچو پچو سنڌي چوائڻ جو حق مليو سو سمن جي حڪومت کان پوءِ ئي مليو. نہ تہ انهيءَ ۾ وڏو شڪ هو تہ اسين عربي ۽ پارسي ادب پٺيان عرب ۽ ايراني سڏجي وڃون ها، پر قدرت کي شايد اهوئي منظور هو جو اڄ اسين ڏسون ٿا.

ڪنهن جي وات َ جهڙيو ، سو انهن ني هڪ ٻئي َکان ٻڌيو آهو تہ واهہ نہ تہ خير . اهڙيءَ طرح اسحاق آهنگر (١) جو هڪ ڏوهيڙو ٻڌرو آهي جو هيٺ ڏجي ٿو . سنڌي شاعريءَ جو اهو پهريون ني شعر آهي جو سنڌ وارن لاءِ ظاهر ڪجي ٿو :

ٿيان مان جهرڪ ، ويهان پرين جي چَنج َ تي ،
مانَ ڪَرَن ڊرڪ ، ٻولي ٻاجهاري مون سين .

جيئن تہ سڪا ٻولي پهريائين نظم جي صورت وٺي ظاهر ٿي آهي ، تيئن سنڌي ۾ اول نظم جي صورت ۾ ظاهر ٿي . هن َکان پوءِ ڄام تماچيءَ جي وقت ۾ ماموئيءَ جا بيت ظاهر ٿيا ، جي ستن درويشن جا چيل آهن . ماڻهو انهن بيتن کي اڳ ڪٿيون ڪري ميڙيندا آهن . انهن درويشن جا وڏيڪ بيت ني ٺڳا سمجهن ، ڇاڪاڻ تہ اهي سَت بيت ہـ ڪتابي روايتن موجب مٿئي پهچائا ڇيا انن . آهي بيت هن ريت آهن :

[١] درويش :-

هاڪ وهندو هاڪڙو ، ڀڃندي ٻنڌ اروڙ .
ٻهہ ، مڇي ۽ اوڙهہ ، سمين ويندي سوکڙي .

[٢] درويش :-

وَسيي وَسيي آرُ ، جلڊهن وجي ڦٽندو ،
تڏهن ٻاروچاٺو ٻار ، پنجين درمين وڪبو .

---

(١) اسحاق آهنگر وفات ٣.٩هہ — ١٤٩٧ع (تحفة الڪرام ص ١٧٩) . گرامي .

[٣] درويش:-

ڪاري ڪاپاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مرمڇي ماري، ملڪ وسندي سنڌڙي.

[٤] درويش:-

مرمڇي ماري، مرمڇيءَ کهڙا پار،
هيٺين ڪاريون پوتيون، مٿن ڪارا وار.

[٥] درويش:-

لڳندي لاڙانهه، سونڪو ٿيندو سيري پر،
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي اوڳوٺان وٺاڻم.

[٦] درويش:-

نيرا گهوڙا ڏهرا، آتر ڪثون ايندا،
گهاگهيريون گسن تي، ورهائي ويندا،
تينهان پوءِ ٿيندا، طبل تاجائين جا.

[٧] درويش:-

اچي ويهجا ماڙهئا! ننگر جي آڌار،
پراڻا پرار، نوان مَ اڏجا نيجهڙا.(١)(٢)

الهن ٿورڙن بيتن جي صحيح هجڻ ۾ گهڻو ئي

---

(١) برٽن هيڪ ۾ ان طرح بيت ڏنا آهن، ڏسو:
The Indus Deita Country pp; 125-127.
(گرامي)

(٢) ساموئي جا بيت سمي خاندان جي پڄاڻيءَ جي پيشنگوئي طور ١٥٢٣ع ڌاري چيل آهن. (گرامي)

اختلاف آهي. اهي ساڳيا بيت ڪي وري هن ريت صحيح سمجهندا آهن:

[۱] درويش:-

ڀڳي ڀنڊ اروڙ، هاڪ وهندو هاڪڙو،
ٻه، ٽيجي ۽ لوڙهه، سڀئين ويندا سوڪڙي.

[۲] درويش:-

زالن مٿي ڀم جوئيون، مڙسن مٿي وار،
ٻاروچا ٻار، ڏکي ڏي وڪاڻندا.

[۳] درويش:-

ستانوي ست چوڙمي، اٺانوي هٽ تاڙ، (۱)
نوانوي نر جاڳسي، پوري سؤ جهڪار.

[۴] درويش:-

الله حسبي، ڪلهوڙن ڪان ڪسبي، (۲)
ٽالپرن کي ڏسبي، تهان پوءِ پسبي.

---

(۱) هيءُ شلوڪ ڪلنڪي اوتار جي اچڻ لاءِ ڪنهن نامعلوم شاعر جو چيل آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو گرونانڪ صاحب جي شلوڪن مان آهي. (ڪرامي)

(۲) نمبر چوٿون ۽ پنجون بيت ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زوال ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جنهن مان ظاهر آهي ته اهي بيت ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دورن جي آخر ڌاري ڪنهن نامعلوم شاعر جا چيل آهن. (ڪرامي)

[٥] درويش:-

نيلو گهوڙو لڪرو، او ڀارون ايندو،
ٺيلو ناڪن جو، نهوڙي نيندو،
تهان پوءِ ٺڪندو، طبل تاجائين جو.

[٦] درويش:-

لڳندي لڙائي، سونچو سيري کان ٽيندو،
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي تو کي قنڌهاران جو ڪو.

[٧] درويش:-

متان وڃو ماٺهيا، ننگر جي آڌار،
پراٺا پرار، ڏوان اڏجو نجهرا.

سمن جي پڇاڙي ۽ ارغونن جي شروعاتي زور وقت هڪ اهڙو صاحب سر زمين لاڙ تي اچي وارد ٿيو، جنهن سنڌين جو آڳو پيڇو جاچيندي ۽ انهيءَ تي غور ڪندي سنڌي زبان ۾ شعر چوڻ شروع ڪيا ۽ سنڌ وارن کي پنهنجي مادري زبان طرف راغب ٿيڻ جي ترغيب ڏيڻ جو مهورت ڪيو، اهو هو قاضي قاضن. تاريخ جا ورق ورائيندي اهوئي پهريون شخص ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن سنڌ وارن تي ننڍو تورو ڪري پنهنجي طبع روان کي سنڌي زبان ۾ هلايو. هن مهل تائين جن سنڌين فقط ايراني زبان ۾ نثر يا نظم پئي ظاهر ڪيو تن جي ڏڻ ۾ سجاڳي پيدا ڪيائين ۽ انهن جون مهارون ايران بجاءِ سنڌي ڏي واريائين.

قاضي قاضن اصل سيوهڻ جو وينل هو پر پوءِ اچي

لڏي ۽ رهيو. جيئن تہ انهيءَ زماني ۾ سنڌي ادب کي صفحہ ڪاغذ تي آڻڻ لاءِ ڪوبہ طريقو ڪونہ ڳوليو ويو هو، تنهنڪري جيئن شيخ حماد، اسحاق آهنگر ۽ راڄي درويش جا ڏوهيڙا صفا ناپيد ٿي ويا آهن، تيئن قاضي صاحب جو ڪلام بہ رهجي ويو آهي. جيڪي ڪي ماڻهن هڪٻئي ڪان ٻڌي ياد پئي ڪيو آهي، سو ٿوڪرون کائيندو ۽ صورتون بدلائيندو آيو آهي. هت نموني لاءِ سندن بہ ڏوهيڙا ڏجن ٿا:

١ــ سڄڻ منجهہ هڏام، سون اڻي ويا اوٺيا،
هيڏانهن هوڏانهن هڙڙا، هيٺڙي جاڙ وڏام.

٢ــ سيڻي سيلهہ ٿيام، پڙهيام جي پاڻان،
اکر اڳيان آهري، واڳو ٿي وريام.

قاضي قاضن صاحب گهڻين علمي فضيلتن جو صاحب هو. قرآن مجيد جو حافظ هو. فقہ، تصوف ۽ تفسير ۽ حديث ۾ گهڻي پهچ حاصل هيس. هي سنڌيءَ جو ابو سن ٩٥٨هہ ۾ هن دنيا فانيءَ مان لاڏاڻو ڪري ويو، مگر سنڌ وارن تي جو احسان ڪري ويو، تنهن بدولت هو سدا جيئرو شمار ڪيو ويندو ۽ سنڌ وارن کي بہ حيات جاوداني بخشي ويو.

”اڻ هيريا مَ هير، پَنچ مَ هير هيرين جي.“ جي مصداق سنڌين جي ذات هاڻي سنڌي نظم ڳائڻ وڄائڻ تي هيري. بکياري وَهٽ جيئن کين وڏيڪ داڻي گاهہ جي ضرورت ٿي. هيترو وقت ڏارين ٻولي ڳائي وڄائي

پڇجي نٿو سگهي(١). مخدوم نوح ٩٩٨هه ۾ وفات ڪئي آهي. مخدوم نوح صاحب، شاهه عبدالڪريم کان گهڻو وڏو معلوم ٿئي ٿو، جيئن ته سندن ولادت جو سال ڪتابن مان ٩١١هه معلوم ٿئي ٿو.

شاهه عبدالڪريم کان پوءِ جڏهن سنڌ دهلي جي تابع ٿي، تڏهن شاهه عنايت الله صوفي جهوڪ شريف وارو پيدا ٿيو. صوفي صاحب ٻين شاعرن کان جان تان ڪي اڳانو معلوم ٿئي ٿو. صوفي صاحب جو رسالو به موجود آهي(٢). سندن وفات جو سال ١١٣٠هه ڄاڻايل آهي. صوفي صاحب نواب اعظم خان جي دربار ۾ ڪن سازشن يا ذاتي دشمنين ڪري گرفتار ٿي آيو هو. نواب جي طرفان سندس سرڪوبيءَ جي سزا بحال ٿي. جلاد جڏهن سندن گردن زنيءَ لاءِ تيار ٿيو، تڏهن پاڻ هيءُ شعر چيائون:

رها نيدي مرا از شر هستي،
جزاڪ الله في الدّارين خيرا.

---

(١) مخدوم نوح جو بيت نموني طور لکجي ٿو: (گرامي)

ماڪ م پانيون ماڻهان پيئي جا پريات،
روئي چڙهي رات، ڏسيو ڏکوين ڪي.

(٢) شاهه شهيد جا ڪجهه فارسي شعر موجود آهن، باقي سندس سنڌي ڪلام جو ڪو به مڪمل ۽ مرتب رسالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. (گرامي)

صوفي صاحب جو سمورو ڪلام صوفيانه متي تي ٻڌل آهي. سندن شعر به ڏوھيڙن جي نموني تي ٻڌل آهي.

نورو پوءِ ڪلهوڙن جو وقت اهڙو بهاريءَ وارو ٿيو، جنهن جهڙي بهار سر زمين سنڌ وري نه ڏٺي، ۽ شايد نه به ڏسي. انهيءَ وقت لاڙي سر زمين تي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترين جي مثل شاعر پيدا ٿي پيا. زبان داني ۽ طبع روانيءَ جو اهڙو ته چرچو هليو، جنهن جي هاڪ ايران ۽ عربستان تائين پهچي ويئي. انهيءَ لڙهه ۾ مخدوم ضياءالدين، مولوي ابوالحسن، ملا معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم، ميان محمد حسين، مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم عبدالله، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شاهه عنايت الله رضوي وڏيڪ چمڪندڙ موتين مثل ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

جڏهن ڪوبه نئون ڪاريگر ڪا شيءِ ايجاد ڪندو آهي، تڏهن ممڪن آهي ته ان ۾ اها به اصلاح جي ضرورت هجي. اهڙيءَ طرح شروعاتي شاعريءَ جو سهرو شيخ حماد، اسحاق آهنگر ۽ قاضي قاضن پنهنجي سر تي ٻڌو ۽ پوين سندن اصلاح ڪئي. مگر سڀني کان زياده مصلح يا آجاريندڙ هستي، جا انهيءَ لڙهه ۾ هئي، سا هئي شاهه عبداللطيف صاحب جي ذات بابرڪات، جنهن جي نام نامي و اسم گراميءَ کان ساري دنيا واقف آهي. شاهه صاحب سنڌي شاعريءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو ۽

شاعري دنيا ۾ عجيب انقلاب آندو. شاهه صاحب کان اڳ جن شاعرن تي سرزمين لاڙ کي ناز هو، تن جي وچ ۾ شاهه صاحب ماهه ڪامل جي مثل چمڪيو. سرزمين لاڙ رکي پنهنجي ماليٺي مهراڻ مان اهڙو مرڪندڙ ۽ چمڪندڙ موتي پيدا ڪيو، جنهن جي تاب کان دنيا جون اکيون پوري ويون. اڄ سنڌ وارا اهڙيءَ هستيءَ تي جيترو ناز ڪن سو ٿورو آهي. شاهه صاحب کان اڳيان شاعر جن ڏوهيڙا چيا هئا، تن سيني ساڳئي تتبع تي طبع آزمائي ڪئي هئي. البت مخدوم ضياءالدين وارن جو زمانو، جنهن ۾ ڏوهيڙن کان سواءِ مناجاتون به چيون ويون هيون، سو شاعري دنيا ۾ ڪجهه انقلاب ڏيکاري ٿو. پر شاهه صاحب پنهنجي طبع رسا جي وسيلي آهي شاعريءَ جون حدون ڏوڙي سيني لاءِ رستو ڪشادو ۽ صاف ڪري ڇڏيو.

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپرن جو زمانو آيو. هن زماني ۾ علم ادب کي ڇڪ ته لئين جواني هٿ آئي، جيئن ته سنڌي شاعري ايراني ڍنگ ۾ فن عروض موجب قاعدي قانون اندر ٿئين سر نمودار ٿي. اهو نمونو سنڌ وارن کي اهڙو وليو جو اڳئين وقت جي شاعري (ڏوهيڙا جون) ماٺهن لاءِ عيب ٿي پيئي. اهڙي حقيقت سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌي شعر جي تاريخ تي مختصر روشني وڌي وڃي.

# سنڌي شعر جي مختصر تاريخ

سنڌي شعر جي تاريخ ڄاڻڻ کان اڳ اهو معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته ”شعر“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

شعر جي لغوي معنيٰ آهي دريافت ڪرڻ يا باريڪ طرح شين جي جاچ ڪرڻ. مگر اصطلاحي معنيٰ ۾ شعر انهيءَ ڪلام کي چئجي ٿو جو بامعنيٰ لفظن ۾ ڪنهن خاص معنيٰ تي ٻيهاريل هجي يا موزون هجي.

اڪاسي، ٻياسي، ٽياسي، چوراسي
پنجاسي، ڇهاسي، ستاسي، اٺاسي
وزن — فعولن فعولن فعولن فعولن

هيءَ هڪ موزون شعر آهي، پر بي معنيٰ آهي، تنهنڪري هن کي شعر نه چئبو.

**شعر علم به آهي ۽ هنر به:-** علم جي لحاظ سان شعر سائنس جي اُتر آهي. ڇاڪاڻ ته سائنس شين جي سچي پچي حالت بيان نٿي ڪري، مگر شعر وٽ سڀ ڏيٺي ساکي ڳالهه کي ٺهي نمولي ۾ پيش ڪري ٿو. مثلاً سائنس ٻڌائي ٿي ته صبح يا شام جو ڳاڙهاڻ

يا شفق ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا ڪرڻن جي موڙ ڪري ٿيندي آهي، مگر شعر چوي ٿو تہ انهيءَ وقت تي ويچارو آسمان عاشق وانگر ڪنهن معشوق جي هٿان قتل ٿي خون ۾ لعل ٿيو آهي. سائنس چوي ٿي تہ سج افق کان ٻاهر نڪري ٿو. مگر شعر چوي ٿو تہ سج گهورڙين وانگر سونو ٿال مٿي تي ڪري نڪتو آهي.

هنر جي حالت ۾ شعر وري نثر جي ابتڙ آهي. نثر جي معني آهي موتي هاري هيٺ وکيري ڇڏڻ، ۽ نظم يا شعر جي معنيٰ آهي، آهي هاريل موتي ڪنهن لڙهيءَ ۾ پوئڻ. اهڙيءَ طرح وکريل موتي پوئڻ بہ هنر آهي.

نظم موزون آهي ۽ نثر غير موزون. جيڪي لفظ نثر ۾ آهن سي ئي لفظ نظم ۾ بہ آهن، مگر تفاوت فقط هي آهي جو هو قاعدي جي وڪڙ ۾ اچي مٿجي سٽجي اهڙو زود اثر پيدا ڪن جو ٻڌندڙن جا ڪيچ ڳاريو ۽ دل گهايو وجهن.

شعر ڇڱن هنرن مان هڪ هنر آهي، جيئن تہ نقاشي، عمارت سازي ۽ راڳ. جهڙيءَ طرح نقاشن جو ڪم آهي رنگن سان، عمارت ساز جو ڪم آهي پٿر سان، ۽ راڳ جو واسطو آهي آواز ۽ سُر تار سان، انهيءَ ريت نظم جو واسطو آهي لفظن جي ٻيهڪ ۽ راڳ سان. شعر جو راڳ سان اصل کان گهاٽو واسطو آهي. راڳ آهي گهوڙو ۽ شعر مٿس سوار.

شعر جڏهن راڳ تي سوار ٿي ٻاهر نڪري ٿو تڏهن وڌيڪ سٺو، سهڻو ۽ من موهڻو نظر اچي ٿو.

علم ادب يا ساهتيہ جي لحاظ سان شعر نثر کان اڳ ڄائو آهي. انهيءَ زماني ۾ شعر جو مضمون اڪثري بهار، جنگ ۽ مذهبي ڳالهين بابت هو، جيئن اڄ بہ ڪي ڀَٽ يا چارڻ ڳائيندا وتندا آهن.

سنڌيءَ ٻوليءَ جو شعر پنهنجي يا پين ملڪن جي قصن ۽ جنگين بابت بہ چيل آهي، جيئن تہ راءِ ڏياچ، سسئي پنهون، عمر مارئي، هير رانجهو، مومل مينڌرو، دودو چنيسر، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار، يوسف زليخا، ليلي مجنون ۽ ٻانڪو شاه بهرام وغيره.

**هندي ڀاشا جو شعر:-** هندي ڀاشا جو شعر دهرن يا ڏوهيڙن ۾ هو. ساڳيءَ طرح سنڌي شعر بہ اول ڏوهيڙن ۾ چيل هو. ڏوهيڙن جون ٻہ سٽون ساڳي طرز ۾ هڪ جهڙن پدن ۽ ساڳئي قافيہ تي چوڻ ۾ ايندڙ هيون. ڏوهيڙو اصل لفظ دهرو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻہ سٽون، ٻہ يا ٻيڻو.

١٣٠٠ع ڌاري سومرن جي زماني ۾، جڏهن سنڌي ٻولي پراڪرت ۽ وراچڊ جي ميل جول کان گهڻو پنهنجي ڄائنجي اچي آجي ٿيل ٿي پانهنجي، تڏهن جيڪي بہ ڏوهيڙا وغيره چيا ويا هوندا سي ضرور نج سنڌيءَ ۾ هوندا، مگر آهي هن وقت ناپيد آهن. سي کان مهنديان شاعر جن ڪي ڏوهيڙا چيا آهن ۽ جن جو نورو

پتو پنجي سکيو آهي سي هئا شيخ حماد، راڄو درويش ۽ اسحاق آهنگر. شيخ حماد حافظ شيرازيءَ جو همعصر ٿو ڀانئجي. سندس سال وفات ٧٨٠هه آهي. انهن کان پوءِ جو شاعر پيدا ٿيو، جنهن سنڌيءَ ۾ ڏوهيڙا چيا آهن ۽ جو وڌيڪ پڌرو سڃاتو مڃيو وڃي ٿو، سو آهي قاضي قاضن (١). هي پهريون ئي شاعر آهي جنهن جا ڏوهيڙا البت وڌيڪ انداز ۾ لڌا وڃن ٿا، تنهنڪري عام طرح سنڌيءَ جو پهريون شاعر کيس مڃيو وڃي ٿو. قاضي صاحب جا ٻه ڏوهيڙا هيٺ ڏجن ٿا:

(١)

سائر ڏيئي لتَ، اوچي نيچي پوڙ ۾،
هيڪائين هيڪ ٿيو، وٺي سڀ جهت.

(٢)

”لا“ لاهيندي کن کي، ”لا“ مورهين ناهه،
باالله ري پريان، ڪِتَ نه ڏسي ڪي پهو.

قاضي صاحب کان پوءِ ترت شاهه عبدالڪريم صاحب بلڙيءَ وارو وجود ۾ آيو. شاهه صاحب ٻه قاضي صاحب جي تتبع تي شعر چيو آهي، جيئن مٿي ڪنهن هنڌ ڄاڻايو ويو آهي. شاهه صاحب ٻه دهرا چيا آهن جن مان فقط ٻه دهرا نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

---

(١) قاضي قاضن جا ڪل ٧ بيت آهن، جن عالمن سوڌي سنواري لکيا آهن- گرامي

( ١ )

سيٺ پيڙيائي پلي، جو آهي تہ واءُ،
جو پڌر وڏي ڳالهڙي، تو چڏي ويندي ساءُ.

( ٢ )

سُڌَمَ مَنِنَہَ ويٺو، آيي اوسَڙُ آس ۾،
تو سيئي سين ڪيا، ڏور جنين جو ڏيٺو.

شاهہ عبدالڪريمؒ کان پوءِ پيو شخص (١) جنهن شعر ۾ ڪجهہ انقلاب آندو سو هو شاهہ عنايت الله صوفي جهوڪ وارو. صوفي صاحب بہ دهرا يا ڏوهيڙا چيا آهن (٢) مگر انهن ۾ سٽن جو تعداد وڌائي رکيائين، يعني ٻن کان وڌيڪ سٽون استعمال ڪيائون، مثلاً:

---

(١) اصل ۾ شاهہ ڪريمؒ کان پوءِ شاهہ لطف الله قادري آهي، جنهن بيت کي وسعت بخشي (سن ١٠٢٠-١٠٩٠هہ) جنهن جا بيت ٻن سٽن کان وڌيڪ آهن- گرامي

(٢) هيءُ بيت شاهہ شهيد جا ڪري پيش ڪيا ويا آهن، مگر انهن جو ڪو علمي ۽ مستند ماخذ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. فقط سپ عالم، ديوان خوشيرام جي ننڍڙي ڪتابچي "صوفيانہ ڪلام" مان اهي بيت نقل ڪندا آيا آهن خود ديوان صاحب ڪو بہ محققانہ حوالو نہ ڏنو آهي. پيو تہ فقط عنايت لکيو اٿس، جنهن مان ڪا صفائي ٿي نٿي سگهي.

(١)

تنهنجو تـو ۾ نـي، پيانـيءَ کي ٻـوڙ،
اندر ساهه سرير ۾، جاپون جانب جـوڙ،
هن کي هتي ڇوڙ تہ، وڃين پهچين پر کي.

(٢)

ڏوهه تہ منهنجي ڏينهن، اُنهہ نہ نيو سپرين،
لنگي پنهنجو نينهن- چنا، ڇنن ڪينڪي.

(٣)

هاڻ سون تي حق ٿيو، پهچڻ پنهونءَ وٽ،
آري عنايت چـوي، لـوڙي آءٌ لهنديس،
اتي نا رهنديس، جيڏ يون پنهنجي جت ري (١).

شاهه عنايت الله صوفيءَ کان پوءِ يعني ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ شاعري جي دنيا چوٽ چڙهي ويئي، هن کان اڳ جو نقط تصوف جي مستي تي شعر چيا ويندا هئا، تن ۾ ٿورو ڦيرو آيو. اٿي ۽ ان جي آسپاس مان هڪ ئي وقت عالمن ۽ فاضلن جو گروهه پيدا ٿيو،

---

(١) اصل ۾ 'عنات' ۽ 'عنايت' جي نالي ۾ ٻہ ئي نالا اچن ٿا. هڪ شاهه عنايت رضوي نصرپوري، جنهن جو شاهه لطيف همعصر هو، ٻيو شاهه شهيد، ٿيون فقير عنايت، جو لطيف جو مريد هو. ٻيتن جي انتخاب ڪندي ڪيترن عالمن انهن ٽنهي بزرگن جو ڪلام خلط ملط ڪيو ٿو ڏسجي- ڪرامي

جن جي تلقين ۽ تبليغ ڪري ڪيترا غيرمسلم مسلمان ٿيا، جن جي هدايت لاءِ اسلامي حڪم احڪام شعر ۾ ظاهر ڪيا ويا، جيئن مالڪن جي دلين تي آهي چٽيءَ طرح نقش ٿين ۽ ماڻهن ۾ حڪمن ۽ فرضن پڌڻ لاءِ چاهه جاڳي. ٻهريون شخص جنهن اسلامي فرضن ۽ روايتن کي شاعري رنگ ۾ ظاهر ڪيو هو سو هو مخدوم ضياءالدين صاحب. مخدوم صاحب ١٠٩١ هه ۾ تولد ٿيو ۽ ١١٧١ هه ۾ وفات ڪيائين. اهو ٻهريون ٿي شخص هو جنهن ڏوهيڙن جي رنگ ۾ هڪ نئين قسم جي شعر جي ايجاد ڪئي، اهڙي شعر کي "ڪبت" ڪري سڏيائون، جنهن ۾ ست ست ۽ جدا قافيه آڻي جي بدران ڪجهه جيترن سٽن جو هڪ قافيو رکي پوءِ ٻيو قافيو ڪم آندائين. جيئن ته:

فرض آهي ماڻهو ٻيو تي سڀي سوڌي پت،
ته موڪلي مڪتب ۾ صغير وڏي ست،
ته تابع ٿئي طبيعت جو مومن وڏي مت،
راتو ڏينهه ٻالڪو ڪري نماز پرت،
وضوءَ جي وجود ۾ ٻڌي ڪري پرت،
ڏهن ورهن جو جي ٿئي ته مرآن ماري،
نندڙي کي نماز لاءِ چابڪ چڪاني،
جي غافل ٿئي نماز ۾ ڪڍهن آسارو،
ته هيڄ هڪاج ان کي متان او ٿئي امارو،
ٻيجي ذات نماز جي مودو موارو،

ولادت جو سال ١٠- ربيع الثاني ١١٠٤هه آهي. مخدوم محمد هاشم، مخدوم معين ٺٽوي ۽ مخدوم ضياءالدين ٺٽوي جو شاگرد هو. هن صاحب بدعات جي برخلاف سخت جهاد ڪيو، ۽ پيري مريديءَ جي لعنت کي گهٽي پاڙي پنجو ڏيئي ڇڏيائين. انهيءَ وقت غلام شاهه ڪلهوڙي جو سنڌ ۾ راڄ هو. غلام شاهه پاڻ به مخدوم صاحب جو معتقد هو. مخدوم صاحب جا ١٥٠ ڪتاب عربي، پارسي ۽ سنڌي زبان ۾ تاليف ۽ تصنيف ٿيل آهن. هن بزرگ ۽ ناموَر صوفيءَ ٧٠ سالن جي عمر ۾ ١١٧٦هه ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو مڪليءَ تي آهي. مخدوم صاحب جو شعر صوفيانو، اصلاحي ۽ ديني واڻن جي سمجهاڻي تي آهي. مثال طور هت سندس شعر جو ٽڪرو ڏجي ٿو:

جان جان درس نه ديکيو، نرتو نيڻن سان،
تان تان سک نه جندڙي، ورهن رات وهاءِ،
هيسين ۾ هيج گهڻون، پڇي ته پور منجهانءِ،
ڪاميو ٿين ڪنڀ سو، لوچي لالن لاءِ،
سچڻ رهيا روح ۾، اندر اوتارا،
آهير سڱهد سرير ۾، گهٽي اپارا،
هينڙو هوت حبيب جي، سڪي ۽ سڪلاءِ،
وڃيو واروڙڻ جيئن، لڇي ۽ ليلاءِ،
جهلي پلي نه رهي، ونڙو پاڻ وسا،
مون کي محبوبن جا، دل ۾ داغ دکيا،
ڀڳون ڀڙڪن ڀڙهون ٻرين، جگر ۽ جوندرا،

لوُ سيئو لاءِ لاڙن جي، ڪاشو ڪن ڪوُنرا،
ڦانيون ڦٽ فراق جي، اکڙيون اصلا،
ونين وسامڻ نانهڪو، آڏمن انڌوها،
هنجهون هاري جهليون، رت ڪري ريلا،
راتين رون پرين ڪي، ڪڇن ڪين ڏينها،
پر ۾ پيچڻ آئيو، ڪرين اوجاڳا،
آئن سنداءِ آڪ ۾، عاشقن انڪڙا،
سڱڪا سرهم ڪاٺ جيئن، منجهان ۾ ٻهيرا،
سدا سيڪ هون جن ڪي، جي سي ٻڙن سا،
تم ونيو وڇاڻا ڪريان، آءُ تن اڳيا،
چنڊيان ڪيهم اکين سين، نميو پيرن تان،
صبح سوارا سوريان، سگهر سپرين جا،
تہ ڪر سڏون سيئي، پنهون ٿيا ڪم پورا.

مخدوم عبدالله جو شعر سندس ڪتاب ڪنزالعبرت ۾ ”قمرالمنير“ ۾ موجود آهي.

انهيءَ ساڳيءَ لڙهہ ۾ (١) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شاهہ عنايت‌الله رضوي نصربوري ۽ خواجہ محمد زمان لنواري وارا بہ آهن مگر انهن جو شعر پيچيدو، ذومعنيٰ ۽ معرفت الاهيءَ ڏي رجوع ڪندڙ آهي.

---

(١) ان سلسلي ۾ شاهہ ڪريم ڪان پوءِ شاهہ لطف‌الله قادري آهي، جنهن جو ڪلام جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب مرتب ڪري شايع ڪيو آهي- گرامي.

سندن سارو ڪلام تصوف ۽ توحيد جي متي تي ٻڌل

آهي. خواجه محمد زمان جو ايترو شعر هٿ اچي ڪونه سگهيو آهي. سنڌ ۾ ۸۵ کن بيت پڌرا ۾ اچن ٿا، جن مان ڪجهه ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ڪتاب ”لنواريءَ جا لال“ ۾ ڏنا آهن، جن مان ڪي بيت هت ڏجن ٿا:

( ۱ )

صورت معنيٰ وچ ۾ ڪونهي وچ وڇاءُ،
هڏو نه سڄاڻي هن ري، هي مور نه موجوداءُ،
ڪثي جو هو ڪولجي، ڪثي عرض ٻه آءُ،
حقيقت هيڪاءُ، پر نالن مٿو ماهم ڪو.

( ۲ )

ڪثي نظر نقل جو، ڪٿ تيسن ڪلام،
ڪثي فرج نڪر جي، ڪثي ماٺ مقام،
ڪثي مس چوڻ مام، ڪثي ڪيڻ پڌرو.

( ۳ )

عدم اوتارون، نامرادي سمرون،
ڪفر ۽ اسلام کان، لنگهي هوت لڌون،
ڇڏي هوف اميد کي، سڄڻ صحي لڌون،
رضا راڄ سندون، مور نه مڱن ڪي ٻيو.

( ۴ )

خودي ڪثي پاڻ سين، هتان جي هلڻا،
سي لوڪ ڇڏينديِ لهر جيئن، سري محو ٿيا،
جي آب هئا، تم لهريون سپ لباس هيوڻ.

(٥)

ٻيھ وڃي وٽ تن، قلم جنين جي ھٿ ۾،
مھميو انگ اکيون، واري ٻيو لکن،
پنو سو پاڙھن، جنھن مان پسڻ تي پرين کي.

(٦)

جاھل ذوق سکن جو، عارف سور سھاءِ،
سورن سندي ساءِ، راحت رسي رُوح کي.

(٧)

ڇڏيان ھي جھان، ھو ٻن گھوري گھوريان،
پلڪ پريان ساڻ، جي مون سري جيڏيون (١).

شاھ عنايت الله رضوي، شاھ محمد مڪيءَ جي اولاد مان ھو. شاھ محمد مڪيءَ جو احوال "قديم سنڌ" ۾ ذڪر آھي. شاھ عبداللطيف ڀٽائي ھن جو ھمعصر ھو.(٢)

---

(١) آبيات سنڌي، نالي ڪتاب علامه دائود پوٽي جو ڇپيل آھي. جنھن ۾ مخدوم محمد زمان لواريءَ واري جا بيت، شرح ۽ معني سان ذڪر آھن—گرامي

(٢) چيو وڃي ٿو ته لطيف جي سائس وڏيءَ عمر ۾ رھاڻ ٿي. سنڌس ٿي اشاري تي لطيف مارئيءَ جا بيت ڏيڻ شروع ڪيا ۽ لطيف جي مشوري تي شاھ عنايت مسنئي جا بيت ڏيڻ شروع ڪيا. حالانڪه شاھ عنايت وڏيءَ عمر جو، پختو ڪلام شاعر ھو، ۽ لطيف نوجوان ھو. سمجھڻ ۾ ائين اچي ٿو ته اھو قياس صحيح نه آھي—گرامي

نصرپور ويجهو لڪمير ديهه ۾ موسي آهيداني جي مقبري ۾ دفن ٿيل آهي (۱) سندس شعر به ڍوهيڙن ۾ چيل آهن، جهڙوڪ ته؛

(۱)

پيئڪ جن پرن ۾، ڪيهه ڪڻونبا ڪاڄ،
آلو پهر عنايت چئي، واڇوڙو وهاڄ،
ڪئين ڪڏهن نه پيو، تن آڏي جو آواڄ،
جم رلائين راڄ، عمر ابائن جو.

(۲)

رات رڀاري آئيو، آلي جو اولي،
تليون سپ تار ٿيون، سپ جڙوءِ سڙولي،
ڪوءِ پيا ڪانا ۾ ڪولي، لڱئون لوهه لهي پيا.

(۳)

لڱئون لوهه لهي پيا، ٿيو بند بدا،
سئوم واءُ وصال جو، ڪهندي ڪانگ مٿلا،
آلي پهر عنايت چئي، آس م لاهه هينيا،
ستي سنجهه سپيا، ملندءِ ميڙ ملير ۾.

انهيءَ حد تائين سڀني شاعرن ڍوهيڙن جي نموني تي ڪلام چيا آهن، فقط ايترو ڦيرو منجهن ڏسڻ ۾

---

(۱) شاه عنايت رضوي نصرپوري جو ڪلام جناب ڊاڪٽر بلوچ مرتب ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ، ڇپايو آهي-ڪرامي

اچي ٿو جو ڏوهيڙن ۾ سٽون وڌايون ويون آهن. باقي جيڪا بي ڦير ڦار ٿي آهي سا سنڌ جي سرتاج ۽ تاج الشعرا حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وسيع ڪلام سان ٿي.(١) جيئن ته هت سنڌي شعر جي تاريخ ڏلي وڃي ٿي، تنهنڪري اهو ضروري آهي ته آهي ڦيريون ڦارون مثالن سان سمجهايون وڃن.

(١) ڦيرڦار:- ٻن سٽن واري ڏوهيڙي جي حالت ۾ بعضي قافيو ٻنهين سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ رکيائين، بعضي الهيءَ قاعدي جي پابندي نه ڪري قافيو ٻنهين سٽن جي وچ ۾ آندائين، بعضي پهرين سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ ٻوئين سٽ جي وچ ۾ ڪم آندائين، مثلاً:

( ١ )

سو ٿي راهه رد ڪري، سوئي رهه نما،
و تعز من تشا، و تزل من تشا.

( ٢ )

هن تاري هن هنڌ، هت منجهان سهرين،
سڄڻ ما ڪيءَ منجهه، ڪوڙا تين نه ڪڏهن.

---

(١) لطيف کان اڳ ان قسم جو ڪلام شاهه لطف الله قادري جو آهي. جنهن جو ڪلام تازو ڊاڪٽر بلوچ صاحب مرتب ڪري ڇاپيو آهي- ڪرامي

( ۳ )

سو هيءِ، سو هئو، سو اجـل، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري سو واهرو.

(۲) ڦيرڦار: ڏوهيڙن ۾ سٽن جو تعداد وڌايائين، مثلاً؛
عاشق زهر پياڪ، وِهہ ڏسي وهسڻ گهڻو،
ڪڙي ۽ قـاتـل جا، هميشه هـيـراڪ،
توڙي چڪـين چاڪ، تہ بہ آه نہ سٽن عام کي.

(۳) ڦيرڦار: ڪنهن بہ شعر ۾ ڪا وڏي آيت وجهي وزن کان وڌائي ڪم آندائين، مثلاً:
ڪونهي قادر ڪو ڀو انهيءَ جو اياڳ،
"قل ان يصيبنا لا ڪتب الله لنا هئو مولانا"
اي معرفت ماڳ،
سيونـي سياڳـ، مـارئي مساوي ڪيو.

(۴) ڦيرڦار: شاهہ صاحب هڪ نئون نمونو شعر جـو ڪم آنـدو جو اڳي رواج ۾ نہ هو. اهڙي قسم جو شعر کي "وائي" سڏيو ويو، مثلاً:

ڀَسي ڳاڙها ڳَل، مٽان ڪو چانگي کي چاري.
سَلڪ بہ اينده موت جو، ڪري هيبتون هٿل - پسي ....
ليئي ڏرينده ڏوڙ ۾، مٿان پڙهنده ڦَل - ڀسي ....
اديون شاهہ لطيف چئي، مون تان لاهج ڀَل - ڀسي ....

انهيءَ وقت ۾ سنڌي شـعـر جـو هڪ نئون نمونو وجود ۾ آيو جنهن ۾ ننڍيون تُڪون رکندا هئا، ۽ منڍ واري تُڪ هر هڪ بند جي پوپان رکندا هئا،

اهڙي شعر کي "مدح" سڏ يائون. اهڙي قسم جون مداحون اول ميان سرفراز ڪلهوڙي (۱) ۽ جمن چارڻ چيون آهن.

ميان سرفراز:-

پلا پام، هن غلام، سندو سوال سٽج تون،
آهيان ذڏ، غمن ڪلڏ، سچا سڏ، سٽج تون،
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏئين تون،
پلا پام، هن غلام، سندو سوال سٽج تون.

جمن چارڻ:-

يا پير پيران دستگير!
ديدار جو مشتاق من، مونکي پسائين پاڪ تن،
مشرف ڪرين جگ ۾ جمن، توهان گهران آهن و آمن،
يا پير پيران دستگير!

اهو شعر جو نمونو ٽالپرن جي اڏ حڪومت تائين هليو. مير ڪرم عليءَ جي ڏينهن ۾ سنڌي شاعرن شروع ڪيو. انهيءَ وقت جي ماڻهن مان پهريون سيد ثابت علي شاهه ولد مدار علي شاهه هو، جنهن سوزون شعر چيو. هن صاحب مرثيا، منقبت، هجو وغيره گهڻائي چيا آهن. سندس ڪلام مان ڏکرو مثال طور هت ڏجي ٿو:

---

(۱) ڪن محققن ان کي ملا سرفراز جي تاليف قرار ڏنو آهي. پر ته ميان سرفراز جو فقط فارسي ڪلام موجود آهي. (گرامي)

جنگ جا نوبت نغارا ٿيا شروع،
حشر ٿيو مقتل ۾، مارو سڄو ئي سڄو،
آت مُنادي موت جي تي ڪُئو ئي ڪنو،
رڪ جي بادل مينهن ٿي برسايو لوهڙو،
ٿيا ٻُرڻ جيئن تير، ۽ وڄ جيئن ترار،
شاهه ٿي نت شڪر ڪيا پر ڪردگار.

هيءَ وقت سنڌي ادب لاءِ ڏي ڀاري ثابت ٿيو. منجهس چڱا چڱا شاعر پيدا ٿيا، جن موزون شعر چيا. فرمانروا مير خود اديب ۽ باڪمال شاعر هئا، تنهنڪري شاعرن ۽ اديبن جو وٽن ڪافي قدر هو، انهيءَ ڪري گهڻائي شاعر پيدا ٿيا.

موزون شعرن ۾ مڪمل ديوان لکڻ جو شرف خليفي گل محمد هالائيءَ کي نصيب ٿيو (١). خليفو گل محمد ١٢٢٦ هه ۾ ڄائو هو. هن صاحب علم عروض جي مکيه بحرن تي سنڌيءَ ۾ گهڻائي غزل چيا آهن، هن منزل تي سنڌي شعر ۾ غزلن، ڪافين ۽ قصيدن جو واڌارو ٿيو. خليفي صاحب پنهنجي ڪلامن ۾ گهڻو ڪري نج سنڌي ڪم آندي آهي. سندس غزلن مان هڪ نموني طور هت ڏجي ٿو:-

---

(١) عروض تي غزل سڀ کان اول سچل سرمست چيا آهن، باقي پهريون مرتب 'ديوان گل' چيو وڃي ٿو. (گرامي)

ڏٺوب ناهي ڀوڪ ڪي ڀاڙان ڀڃڻ،
ٽڙ ڪچو پيٽرن ۾ ليڪرن سان سڃڻ.
جوار مٺت تي ڪني آڀري شروع،
ڪيڪ ڪي ڪتي اندر گهٽرجي چڃڻ.
جت ڀڙو هڪڙو زياده ٿو جڙي،
مٺت ليٿي پنهنجو آتي گهرجي مڃڻ.
جي ٻوي ڀرجي ڪڻو گيهه تيل سان،
مرت سان گهرجي مگهو ان کي ڏنڻ.
ناهي سڀ سودي ۾ ڪنڍيو ۽ ڇڏيو،
ڪٽ آهي هارڻ ڪٿي آهي ڪٽڻ.
راند ۾ ڇوڪر ايا هوشيار ٿي،
هي مڙسي ڪيئهون ڏوران ئي جهٽڻ.
ساڳيون صف جنگ مڙسن جي کيڙي،
پوءِ نه لازم "گنڊل" وري پٽي هڻڻ.

انهيءَ ڪان پوءِ واري زماني ۾، آخوند محمد قاسم ولد نعمت الله پراڻن هالن وارو وڏو شاعر به موجود هو. سندس "ديوان قاسم" پڻ موجود آهي. سندس سال ولادت ۱۲۳۴هه ۽ سال وفات ۱۳۰۹هه معلوم ٿئي ٿو. آخوند صاحب حيدرآباد ۾ گهڻو وقت رهيو. آتي درس و تدريس جو ڪم ڪندو هو. سندس مڪتب ۾ هندو خواهه مسلمان گڏ پڙهندا هئا. "ديوان قاسم" مان هڪڙو غزل هيٺ ڏجي ٿو:

نہ يڪدم دور ٿي دل ڪان ڏنل دلدار جو اخلاص،
هنئين آهيم هر هر هن هنئين جي هار جو اخلاص.
رکي پڪ پرت پاڻ جو، اسان سان لاڳ لائڻ جو،
سدا موهي ڇڏي مون کي مٺل مندار جو اخلاص.
مدامي من اندر محڪم هجي جي جان ۾ هردم،
مٺي محبوب مشفق جي سندي جنسار جو اخلاص.
رکي بلبل برهہ پيرو، ڇڏي جيئن ساڻ گل گهيرو،
اندر ۾ آهہ عاشق جي پريان جي پار جو اخلاص.
رکي جڙ جان ۾ جنهن جي ڪري "قاسم" طلب تنهنجي،
رهيم منجهہ روح اسدالله عظمت دار جو اخلاص.

هن دؤر ۾ موزون شعر جو رواج ڏوهہ جوانيءَ کي وڃي پهتو ۽ ڏوهيڙن جي پيري ٿي. وقت اهڙو اچي پيئو، جو ڏوهيڙن چوندڙن کي شاعر ۽ ڏوهيڙن کي شعر چوڻ کان بہ ماڻهن نفرت پئي ٿي.

آخوند محمد قاسم کان گڏ سيد فاضل شاهہ رهندو هو، جو پڻ چڱو شاعر هو (۱) سندس "ديوان فاضل" مشهور آهي. فاضل شاهہ پنهنجي شعرن ۾ ڪوشش ڪري ٺيٺ سنڌي ڪم آندي آهي، جا ڏاڍي وڻندڙ آهي. نموني لاءِ سندس هڪڙو غزل هيٺ ڏجي ٿو:

---

(۱) فاضل شاهہ 'فاضل' جا همعصر ۽ صاحب ديوان پيا بہ گهڻا آهن، جي ادبي تاريخ ۾ ڏسڻ گهرجن. 'فاضل' قادرالڪلام استاد شاعر هو. (گرامي)

منجهه اندر ٿي آڳ آئي ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ،
جوش ۾ ٿي جان ٿاڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
درد ۾ دل دردمندن جي جلي منجهه جوش جنهن،
چڙ وڏي چڙهي چراڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
هانوَ هڏ چم آڱرا سڀ سڄايا مغز ماهه،
عشق جي آتش اماڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
دمبدم غم ۾ الم جي ساهه تي هر صبح شام،
ٻاهه ٻڙڪن کي ٻڦاڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
نڪر "فاضل شاهه" اندر ٿا آيامن آڳ گهاوَ
ڏڙ ڏريائون قلب ڪاڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

سيد فاضل شاهه هڪ غزل ۾ عجيب صنعت ڪم آندي آهي، جنهن کي "مهمل" چوندا آهن، يعني جيڪي لفظ ۽ اکر غزل ۾ ڪم آندا اٿس سي سڀ، سواءِ پنهنجي نالي جي، نقطن کان سواءِ آهن. عام واقفيت لاءِ اهو غزل يا مهمل هيٺ ڏجي ٿو:-

دلاور دلارام دلدار لاءِ،
سدا سيڪُم رَس، راس رهڻ، رَسُ رساءِ.
مَڪر حرص هورا، مُٺهَوَس مَ هو،
طمع رڪ مَ طامع گدا گُٺهَرَ گساءِ.
سڪر سال سالڪ همه حال رهه،
اڪر علم وارو عمل ڪر، الاءِ.
گدا سر سدا ڪر ڪرم ڪار،
سگهو واهه ڪو وصل وارو وراءِ.

مڪمل اهو مهملو ڪٿھ ڪلام،
اگر مهملا هر طرح لڪ، هلاڪ.
اما رسم "فاضل" محال آهه مام،
حسد ڪار حاسد هوس هاڪ هاڪ.

پوءِ ته گهڻائي شاعر پيدا ٿيا، جن موزون شعرن جون ٻَڌون ٻڌيون، جيئن ته مير عبدالحسين "سانگي"، جنهن جو "ديوان سانگي" موجود آهي (١). ديوان ليلارام وطن مل جو "ديوان خاڪي"، ۽ حافظ حامد جو "ارمغان حامد" وغيره.

سنڌي شعر جي تاريخ ۽ سنڌي شعر جي ٻولي اسان ڏسي ورتي. معلوم ٿو ٿئي ته جيئن جيئن وقت ويو آهي گذرندو، تيئن تيئن سنڌي شعر ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ويو آهي ڦيرو پوندو. ڏوهيڙن واري زماني ۾ جا ٻولي اسحاق آهنگر، قاضي قاضن ۽ شاهه عبدالڪريم ڪم آندي آهي، تنهن کان ٿورو ڦيريل وري مخدوم ضياءالدين، مخدوم عبدالله ۽ مخدوم محمد هاشم ڪم آندي آهي.

شاهه عنايت قادري، شاهه عبداللطيف ۽ شاهه عنايت الله رضوي ۽ مخدوم محمد زمان لواري واري، وري ٻه ڪي قدر ڇنڊيل ڇاڻيل ٻولي ڪم آندي آهي. باقي نئين منزل

---

(١) ان ئي دؤر ۾ سانگيءَ جو استاد غلام محمد شاهه "گدا" ۽ مرتضائي ٺٽوي استاد شاعر موجود هئا، جن کان پوءِ قليچ جو دؤر شروع ٿئي ٿو. (گرامي)

تي منزل تي جن شاعرن عام عروض جي قانون اندر شعر چيا آهن، تن جي ٻولي اها ٻه نرالي آهي. تنهن مان گمان ٿو آنجي تہ سنڌي ٻولي ٻہ گهڻيون ئي منزلون طي ڪري اچي هن منزل تي پهتي آهي. انهن منزلن اندر سنڌس گهڻيون ئي صورتون بدليل ڏيون ڀانئجن. اهڙي مونجهاري کي پري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ لکي وڃي.(١)

---

(١) هن سلسلي ۾ قاضي قاضن ۽ شاهہ ڪريم کان پوءِ شاهہ لطف الله قادري مشهور شاعر آهي. جنهن کان پوءِ لطيف، شاهہ عنايت رضوي نصرپوري ۽ مخدوم محمد زمان لواري وارا ۽ مخدوم عبدالرحيم گروهڙي بيت ۾ فني ۽ معنوي حسن ۽ دلڪشي پيدا ڪري چڪا آهن. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو ايڊٽ ڪيل ١٩٦٨ع ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ يالاجي جي پاران ڇپيو آهي. (گرامي)

# سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

سنڌي ٻوليءَ جي معنيٰ آهي آها ٻولي جا سنڌ ملڪ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌ لفظ سنسڪرتي آهي جنهن جون ٽي معنائون آهن: [١] سمنڊ، [٢] سنڌو ندي [٣] سنڌ ملڪ، جتان اها ندي وهي ٿي. اسين پنهنجي مطلب لاءِ ٻوئين معنيٰ وڌيڪ موزون ۽ معتبر سمجهون ٿا. (١)

**بنياد:-**

سنڌي ٻوليءَ جو اصل بنياد سنسڪرت ٻوليءَ مان آهي. جيتوڻيڪ هاڻوڪو لباس عربي ۽ پارسيءَ جو اٿس ۽ زيب زينت انگريزي، بلوچي ۽ ٻين ٻولين جو اٿس.

---

(١) نئين تحقيق موجب سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جو مسئلو اهو نہ رهيو آهي، جو گريئرسن ۽ ٽرمپ جهڙن عالمن بيان ڪيو هو. سنسڪرت مان سنڌي ٻوليءَ جو ڪهڙو تعلق آهي، ان متعلق جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ جو مطالعو ڪرڻ تمام ضروري آهي- گرامي.

سڄي دنيا جون ٻوليون ٽن مکيه ٻولين مان نڪتيون آهن: [١] توراني، [٢] شامي، [٣] آريه. انهن ٻولين مان وري هيٺيون ٻوليون چايون آهن:-

**توراني:-** تامل، تلنگي، ملايم، سيامي، برمي، چيني، ڄپاني، ترڪي، ٽپٽي، هنگاري ۽ ڏکڻ آفريڪا جون ٻوليون.

**شامي:-** عراقي، عبراني (جنهن ۾ توريت لکيل آهي)، عربي، ايراني ۽ ڏکڻ الهندي ايشيا جون ٻوليون

**آريه:-** سنسڪرت، زند، يوناني، ساواني، ٽوٽاني، لٽن، ڪيلٽڪ وغيره.

[١] سنسڪرت مان وري هيٺيون ٻوليون نڪتيون آهن:- پراڪرت، شوُرسيني، ماگدي ۽ پشاچي. انهن مان وري هيٺ ڄاڻايل ٻوليون نڪتيون؛

پالي، مهاراشٽري، گجراتي، هندي، سنڌي، پنجابي، مارواڙي، بنگالي ۽ ٻيون اتر هندستان واريون چالو ٻوليون.

[٢] زند ٻوليءَ مان پارسي، پهلوي، پشتو ۽ روسي ٻوليون نڪتيون آهن.

[٣] لٽن ٻوليءَ مان فرينچ، پورچوگيز، اٽالين، اسپانش ۽ رومن ٻوليون نڪتيون آهن.

[٤] ٽوٽاني ٻوليءَ مان جرمن، ڊچ، ساڪسن ۽ انگريزي ٻوليون نڪتيون آهن.

مٿين بيان مان ظاهر ٿيو ته هندو، پارسي، ايراني، افغاني، روسي، يوناني، جرمن، ڊچ ۽ انگريز سڀ هڪ

ٻوليءَ ۾ آهن. هي ٻولي ٻڌ ڌرم وارن جي مقدس ٻولي آهي. انهيءَ ۾ ٻڌ ڌرم وارن جا ڪيترا ڪتاب لکيل آهن.

پالي ۽ سنسڪرت ۾ گهڻو تفاوت ڪونهي. پاليءَ جا اڌ کان ٻه وڌيڪ اکر هوبهو سنسڪرت جهڙا آهن باقي اڌ ۾ ٿوري ڦير ڦار آهي. ٿوري ڦيرڦار کان سواءِ گرامر ۾ به ٻنهين جو ساڳيو آهي. جيئن وقت ويو گذرندو تيئن پراڪرت ٻولي ويئي وڌيڪ بگڙندي ۽ آخر ايئين پنجن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويئي:-

مهاراشٽري، شورسيني، ماگڌي، پشاچي ۽ اپڀرنش.

مهاراشٽري سرهٽن جي ملڪ ۾ ڳالهائڻ ۾ آئي، جنهن مان ڪوڪني ٻولي به نڪتي آهي.

شورسيني مٿرا جي آسپاس ڳالهائڻ ۾ آئي، جنهن مان پڇمي هندي، برج ڀاشا (جنهن ۾ سورداس جي واڻي لکيل آهي)، ڪشميري ۽ پنجابي ٻوليون نڪتيون.

ماگڌي مگڌ يا بهار ۾ ڳالهائڻ ۾ آئي، جنهن مان بنگ ڀاشا يا بنگالي، آسامي، اڙيا (اوڙيسا)، مٿلي، ڀوجپوري ۽ ناگپوري ٻوليون نڪتيون.

پشاچي ٻولي پشچا لوڪن جي ٻولي هئي. انهن جي ذات پٺيان اهو نالو پيس، جا ايرندي وارن علائقن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي. باقي اپڀرنش الهندي وارن علائقن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي.

انهن پنجن پراڪرت ٻولين مان مهاراشٽريءَ کي سڀني کان مٿي پاڪ ڪري لکيو اٿن جنِ ڊرم وارن جا ڌرمي ڪتاب انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن.

اپڀرنش کي سڀني کان هيٺ ليکيو اٿن. اپڀرنش جي لفظي معنيٰ آهي ڪريل، ڇو تہ منجهس تمام گهڻو بگاڙو ٿي ويو آهي. اپڀرنش جا وري ٻہ قسم آهن: هڪڙو ٻئي کان جان تان ڪي وڌيڪ معتبر آهي. ان کي ناگر اپڀرنش ڪري ٿا چون. انهي ٻوليءَ مان هاڻوڪي گجراتي ٻولي نڪتي آهي. ٻيو قسم جو انهيءَ کان ٻہ وڌيڪ بگڙيل آهي، تنهن کي وراچڙ اپڀرنش يعني رديءِ اپڀرنش ڪري ٿا چون، جا بدلجي سنڌي ٻولي ٿي پئي آهي. (١)

جڏهن وقت سنسڪرت ٻولي ڦيرا گهيرا کائي سنڌي ٻولي ٿي، تنهن وقت جي پوري خبر ڪانہ ٿي پوي، ۽ نہ اها ٿي پروڙ پئجي سگهي آهي تہ اها ٻولي ڪهڙي هئي، ۽ ڪهڙي نموني ڳالهائي ويندي هئي. ايتري مڃ پئجي سگهي آهي تہ عربن کان اڳ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي دؤر حڪومت ۾ پراڪرت يا پالي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. عربن جي دور حڪومت ۾ وراچڙ اپڀرنش چالو هئي. قياس انئين چوي ٿو تہ

(١) لسانيات جي عالمن جو ان مسئلي ۾ اختلاف آهي. چٽرجي سنڌي ٻوليءَ کي اوائلي مڊريل ۽ سريلي ٿو ڪوٺي - ڪرامي.

چنڊ جي چاڙهجي سنڌي ٻولي سومرن جي وقت ۾ اڳي ظاهر ٿي آهي. عربن جي پهچڻ وقت ۾ به دادرڪ، سنڌي ۽ سرائڪيءَ جو ميلاپ ڳالهايو ويندو هو.

عربن جي وارد ٿيڻ بعد سرڪاري ٻولي عربي ٿي، تنهنڪري سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن به پاڻ کي حڪومت وٽ سرخرو ۽ ڪارائتو بنائڻ لاءِ عربيءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو، ۽ انهيءَ ۾ چڱي ڪاميابي حاصل ٿين. اهڙيءَ طرح عربن ۽ سنڌين جي علم دوستيءَ ڪري سنڌي زبان تي به عربيءَ جو اثر پئجي ويو. ڪيترا عربي ٻوليءَ جا لفظ هوبهو يا ڪجهه صورت بدلائي، سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏجي ويا. جيڪي لفظ ڪجهه مٽا سٽا سان داخل ٿيا آهن، تن مان ڪي نموني لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

| عربي | سنڌي |
| --- | --- |
| تعويذ | تائٽ |
| ثوم | ٿوم |
| بصل | ٻصر |
| حاذق | هاڏڪ |
| ثغر | سگهر |

اهڙيءَ طرح ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ دخل ڏيئي ويا، جي پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ قائم رهيا (١)، مثلاً

(١) سنڌيءَ تان عربيءَ ۾ آيل لفظن ۾ ٿوم، ٻصر، ڪافور، زنجبيل (سفيد) مشڪ (مسڪ) شمار ڪيا وڃن ٿا - گرامي.

وقت، دعا، عجب، صبح، شراب، قلم، موت، حيات، مشق، ڪتاب وغيره.

عربن جي زور ٽٽڻ بعد ۽ غزنوين جي سنڌ ۾ دخل ڏيڻ بعد پارسي زبان زور ورتو. سمن جي دور حڪومت ۾ ته پارسي چوٽ وڃي چڙهي.

اهو سمورو وقت، ويندي ڪلهوڙن جي حڪومت تائين به ماڻهو پارسي سکڻ جا شائقين ٿي رهيا. ٽالپرن جي وقت ۾ پارسي زور هئي. ٽالپر خود لکپڙهه پارسيءَ ۾ ڪندا هئا. سنڌن حڪومت ۾ پارسيءَ جا مڪتب زياده هئا، انهيءَ ڪري پارسي ٻوليءَ به سنڌي ٻوليءَ تي گهڻو اثر وڌو ۽ ڪيترائي لفظ پارسي زبان جا سنڌي زبان ۾ جاءِ ولي ويا. مثلاً زمين، آسمان، زبردست، بالادست، دستاويز، عملدار، دريافت، خواهه مخواهه، مختياڪار وغيره. اهڙيءَ طرح پورچوگيزن جڏهن هندستان ۾ پيهڪون وڌيون، تڏهن واپاري ميل جول ڪري سنڌن ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ، جي اول هندستان جي ٻين ٻولين ۾ داخل ٿيا، سي پوءِ آهستي آهستي سنڌي ٻوليءَ ۾ به داخل ٿيندا ويا، مثلاً:

| پورچوگيز | سنڌي |
|---|---|
| فالتو | فالتو |
| ڦيٽا | ڦيٽ |
| پگا | پگهار |
| ٽرنڪو | ٽرنگ |
| لئيلام | ليلام |

سنڌ جي بندرن تان بيڙين رستي ملبار سان واپار هلندڙ هو انهيءَ ڪري ڪيترا لفظ ملباري ٻوليءَ جا به سنڌي ٻوليءَ ۾ پنجي ويا، مثلاً: ايلاچي، ڪوتمير، انب ڏڪر. اهڙيءَ طرح افغانستان سان قافلي رستي واپار ڪرڻ ڪري ڪيترائي پشتو جا لفظ آيا، جيئن ته ڊوڊو، ڦاڙو، گيدي، ڪَهل، ڊال وغيره. اهڙيءَ طرح بلوچستان سان وَڳڻ، آلو، چانگهو، گهٽو، ليڙو، ڏُوم وغيره لفظ آيا. بلوچي ۽ پشتو جي اثر ڪري، ڪيترا ترڪي ٻوليءَ جا لفظ به رڙهي اچي پهتا، جيئن ته: اوطاق، چقمق، چاق، قينچي (ڪئنچي)، تڪمون، چلمچي، بورچي، ايلچي وغيره.

سرائڪي ٻولي اچا به سنڌ کي ويجهو ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهن مان به ڪيترائي لفظ اچي داخل ٿيا، جيئن ته ڏهيڙو، ڏون، ٻرائي، ڪنا وغيره جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن سندن ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ بگڙيل صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين لڳا. هاڻي ته پاڻ وڏ يڪ استعمال ٿيندا وڃن ٿا، جيئن ته:

| انگريزي | سنڌي |
| --- | --- |
| سٽيشن | ٽيشن |
| ميٽل | سٽل |
| ٽڪيٽ | ٽڪس |
| شاپ | ڇاپ |
| سڪور | ڪوڙي |
| ٽائيم | ٽيم |

ڪيترا لفظ تہ عربي ۽ پارسي لفظن وانگر پنهنجي صحيح صورتخطيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ پڄي ويا آهن، جي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا، جيئن تہ روپو، بوٽ، ڪلاس، بيگ، ڊريس، ليٽ ۽ ڪي ٻيا.

مٿئين بيان مان ظاهر ٿيو تہ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي ڌاتو سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ سنڌ ۾ پيٺو عربي، پارسي، ترڪي پورچوگيزي، انگريزي، سرائڪي، بلوچي ۽ پشتو جي رنگين ٻٽن مان ڳنڍيل آهي.

جيئن سنڌي شعر اهڙو اڳاٽو نہ آهي، تيئن سنڌي نثر بہ اهڙو جهونو ڪونهي. سنڌي نثر، سنڌي شعر کان عمر ۾ ننڍو آهي. ١٢٩٩هہ [١٨٥٢ع] ڌاري جڏهن سنڌي شعر جي نموني ۾ گهٽو ڦيرو اچي ويو، تڏهن سنڌي نثر جي صورت ۾ انقلاب آيو. سر بارٽل فريئر سنڌ جي ڪمشنر پارسيءَ بدران سنڌي ٻولي کي سرڪاري دفتر ۾ قبوليو، تنهنڪري اڻ ڪي اڄ جي نموني موجب سڌاريو. عربي، پارسي ۽ سنسڪرت مان حرف کڻي ٥١ اکرن جي الف-ب ٺاهي ويئي. انهن جي ورهاست هن ريت آهي: عربيءَ جا ٢٨ حرف، پارسيءَ جا ٤ حرف [پ، چ، ژ ۽ گ] ۽ ١٩ حرف سنسڪرت جا، ڪل ٿيا ٥١ اکر. اهڙيءَ ريت الف ب مڪمل ڪري حرفن ۽ نقطن جي پختائي رکي، صورتخطي سڌاري، اڄ جي نموني تي اُڀاري ويئي.

ٻن مان سنڌن رهائش، گذران ۽ رسمن جو پورو پتو پئجي ويندو. اها به خبر پوندي ته هو پنهنجي گهرن ۾ ڪهڙي ۾ ٻولي ڳالهائين ٿا.(١)

---

(١) سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد، تاريخ، ارتقا، سڌاءِ ۽ ڦهلاءَ لاءِ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، علي نواز جتوئي ۽ ڀيرومل مهرچند جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي پڙهڻ گهرجن. ان طرح صورتخطيءَ ۽ رسم الخط متعلق مسٽر غلام علي الانا جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن. ان سلسلي ۾ رسالہ مهراڻ ۾ آيل لسانيات تي مقالا پڻ پڙهڻ جهڙا آهن. جي مختلف سنڌي عالمن جا لکيل آهن — گرامي

# لاڙ جي هڪ رات

ڪنهن به ملڪ جو سير تيسين سجايو ڪين ٿيندو، جيسين اتان جي ماڻهن سان پورو لهه وچڙ ۾ نه اچبو. مون کي ته انهيءَ ڳالهه تي پورو ويساهه آهي ته هر هڪ ملڪ جو علم ۽ ادب، تهذيب ۽ تمدن، حسن ۽ اخلاق جيترو ٻهراڙيءَ ۾ سٽيل آهي، اوترو شهرن ۾ ڪونهي. وڏو شهر، وڏي ويراني. تنهنڪري جي ڪو آدمي ڪوجها لاهه ڪڍي وڃي ته اهو وڃي ٻڪيرن جي ٻناري پوي. اتان جيڪي هڪ رات ۾ هٿ ڪري سگهندو سو شهرن مان سال ڀر رهڻ سان به ڪين وٺيندو.

آءٌ پنهنجي عقيدي موجب لاڙ جون ليٽون لتاڙيندي، جهنگ جهر جاڳيندي، ڪهي وڃي ڪينجهر ڪنڌيءَ پهتس. پريان سونهن جو شهر به سڌ پڌ هو، هيڏانهن هيلاها به هڪيا منهن ۾ هئا، پر جيم ته جنهن سانگي سان سفر سنڀوڙو آهيان، اهو سانگ شهرن مان سرجي ڪين سگهندو. تنهنڪري ٻيڙي وجهان ٻڪيرن جي پار. ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ۽ رس ڀري رهاڻ ڪرڻ وارا راٺا ضرور لين ۽

ڇوڪرو وڻن پٺيان نڪري ويو. پوئتان مائي پاڻ مهاڙو اچي ڇنڪي.

چي: "ڦٽو ڄاڻ نه سڃاڻ، ڪو ڄاڻان ڪير آيو. تنهن کي ماريئي ۽ مٿئي پنهنجو ڪفن ڪيئي ڏنو. اسان هٿ ٻڌي، سيءَ واءَ جهڙي، چار ڪوڏيون ڏکئي ڏينهن لاءِ ناري رکيو، سي هڪڙيءَ رات ۾ ڪنهن الله واڻي کي ڏيئي ڇڏيئين، ڄڻ مٿس ڪو بوجو هو. هاڻي ٻچڙوس، توکي اهي ڪڏهن ملندا. تون ان کي ڄاڻيي، ڪو سڃاڻين. سڀني لاءِ تو ٽڻين ۾ ڪير پوئيس. اسان جي ماڻس ڪا پيٽ، ڪا پٺي. ڇڳائيءَ جو نو ڇڇيس ته ڇيرو ٿيو پوئيس، جهل ٿي ڪين ڏيءِ. مون کي ڪيڙو آ. ٻچا ٻه سندس ڏکيا ٻکيا ٿيندا. ڏوڪڙ ڪٿان آيو ته مون سان آهي ويو. اهڙي جي بوجها پئيم ته ڪنهن قارئين جو گهر ٿو ٻري ته هڙ تي هٿ لائڻ ٿي ڪين ڏيانس. سڀڪو غريب آهي. اسان وٽ ڪهڙا سونا سونگا ڍڪيل آهن، جو پٽون پٽين تان پت اڇلائيندا. اسين پاڻ ٻچن جي چوٽيءَ ۾ پورا آهيون ڪنهن حي اهڙي ڪٽڪ پتوڻي ته مهمان اهڙو سوري آهي ته هونئن اهڙو پهه ڪريانس جو وات ۾ ڪين سونهي. انهيءَ سوران ته پرهه کي هڙ تي هٿ رکڻ ٻه ڪين ڏيان. آءُ زال ماڻهو ڪهاڙو ڪريان؟ جي ٿي ڪڇان ته وات ۾ ڪڙا، ۽ جي ماٺي آهيان ته اجهو اهو حال آهي".

ٻيو ته وجي ڪڏ ٻو ٿي پر من پاڻيءَ وڏو حب سان ٻي اچون،
اهو ٻه گنج ٿيو. الله ڏي ته ڪمي ڪانجي، جڪيءَ وارا
جڪ ماري، هٿ سٽي تي ڏٿي هليا ويا ساوڻ ساوڻ
سڀيا ٻه پاڳي پائيوار آهن. جي الله ڏي ته الله جي
ٻندن جي ٻه مار لهجي. پنهنجي هڙ ڪوسي ڪرڻ مان
ڪهڙو نفعو؟ ڪنجوس ڏن واري ڪان ڏيرو گڏه چڱو
جو ڪنهن جي ٻوجي ڪٽڻ لاءِ ٻنا ڪاڻ ڪرڻ ڪرڻ
جي ڪم اچي ٿو. اهو ڪنيوٺي ڪوٽ جهڙو، اهو
ڏن ٿي ڪار ڪاڏو، جنهن مان ڪنهن ڏڪئي ٻکئي
واڏو نه ورتو. جنهن مان ڪنهن مهمان نه کاڌو،
جنهن مان ڪنهن ٻاٽ ٻرائيءَ مهل نه ڪئي. هاڻي
ڏوهي ٿئي خدا جي مت پيهار ڪُر ڪُر ڪرين. اڄ
تون شڪر نٿي ڪرين. جو ڪير ٻن ٻٽين واري ٿيو
ويٺي آهين ٻيا تا اچي وڻه هٿ سگهين. ڪنهن سوال
سڙي جي اوٻالين ڪان ته آجي ٿيو ويٺي آهين. هرڪو
پنهن جي قسمت ويٺو ڪئي. اسان ڪي ٻه جوڪي ملٺو
هوندو سو ٻائيٺي ڪٽيو ملندو. واڏاري لاءِ مٺو ڪئي
جبل سان هڻ، تڏهن ٻه اوتري جو اوترو. خير مائيءَ
به ڪئي مات ڪئي، آءٌ ٻه ٺڪر ٻور ڪائي موڪلائي
روانو ٿيس.

---

# لاڙ جي ٻي رات

اسان جي سنڌ جي ڀاڳ نہ ڀڙايو. ڪيئين قومون آتس حڪومتون ڪري ويون. هزارين عالم ۽ اديب منجهس درس تدريس ڏيئي ويا. ڪيترا عالم ۽ فاضل سنڌين کي سمجهائيندي سمجهائيندي حياتيون پوريون ڪري ويا. پر سڀ وڏرٿ ويو، ڪنهن تي بہ ڪنهن جو اثر ڪونہ پيو. آهو رنبو، آهو ڪٿو، آها ڪوڏر، آهو ڳين. جتي وچ اتي سڀڪو پنهنجي سورن ۾ پوتو پيو آهي. هرڪو پنهنجا سور پيو ساري، باقي ٻئي ڏي ڌورونئي ڪو نهاري. مٿجي کي سڃي ڪونہ، سائي کي سڃهي ڪوا. ڏند-پيهہ لڳي پيئي آهي. نااتفاقيءَ جو مرض جت ڪٿ جام. وڏن جا ڪڏا ڪرتوت ڏسي سندن اولاد بہ آهيئي پار هلي، تنهنڪري اهو موروثي مرض نہ وڃڻ جو ۽ نہ ورڻ جو. ڪن وٽ تہ وري ڳائي جيب. ملڪ تہ هيڪاري آنهن سڃو. ابوجهن جي اياڻپ سان اٿو فائدو وٺي پوءِ ڪين ڦرهو هٿي هڪاليو چلڏين. بس پوءِ "هيڻن جي حاڪمن تي ناهي مرد ميار" هرڪو هٿ مهڻيو هليو وڃي، نہ ڪنهن

واري هير نہ ويٺي آهي. جهڙين اسان مان حسد ۽ بغض نہ ويو آهي، جيسين اسان ۾ پاڻ لاءِ ترب ۽ ڪاڙهو پيدا نہ ٿيو آهي، تيسين اسان جو چاڙهو اجايو ۽ موٽ اي معنيٰ آهي.

هڪ پيري مغل پين طرف منهنجو وڃڻ ٿيو. پنهنجي هير موجب لڙي ويس هڪ ڳوٺڙي ۾ ڳوٺ اڳيان ڪپڙن جي اوٽ ۾ هڪ اوطاق اڏيل هئي. انهي ۾ پاڻ مرادو لنگهي ويس. هڪيو تڪيو تہ ماڻهو وٺو ڪونہ آيو. پر پوءِ هڪڙو چڙو اچي ظاهر ٿيو. خبرچار ڏيئي ولي هليو ويو. چپائين تہ پاڻو اسين هيئنر اڙپات آهيون، سانجهيءَ ويہ ويرا ٿي ور وانڊو ڪيندا سون تون اتي ويٺو رهہ. آءٌ بہ هوس ٿڪل، سو اجرڪ تاڻي سمهي پيس. سج لٿو، ماڻهو بہ اچي مڙيا. ڳوٺ وڏيري ڪهران ماني آني. مانيءَ بعد حقو آندائون. حقي سان گڏ سو ٻار يون ۽ سونڙي مٽڪائون. آءٌ بہ ڪانپ ڪلڪي وهاڻي تي ويهي خوب سونا هٽڻ لڳس. مون لاءِ تہ هيءَ نئين ڳالهہ ڪانہ هئي، ڇو تہ اهو ملڪ منهنجو گهٽو ئي گهميل هو، ماڻهن جي رسمن رواجن کان واقف بہ هوس، حقو بہ واندڪائيءَ جي ولدر آهي. حقي جي ٻڙ ٻڙ پڌي مون کي شمس‌الدين "بلبل" جو هيءَ شعر ٿي ياد پيو:

مجلس جي سونهن سو پيا سينگار آهہ حقو،
وحشت ۾ غم زدن جو غم خوار آهہ حقو؛

هڙ بڙ ڪيو پيو دل کي ڀلائي ساڻ باتين،
داناءَ دل جو دلبر دلدار آه حقو.

ڇڱي دير ويٺي، پر مون تان ڪنهن ور وانڌو ڪونه ڪيو. مائيءَ وارا ٽانءَ به انئين ۾ رکيا رهيا. ڪنهن مهل ڏسان ته اوطاق جي ٻويان ماڻهن جو ميڙ بيٺو آهي، ۽ ڪنهن ڳجهيءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ سٽس پٽس پيا ڪن. ايتري ۾ هڪڙي منجهانئن هڪل ڪري چيو آئو ته ڀلي اجهاپ اوڏا ٿيون. هت ناحق ڪٺون سيءُ پيو سٺي. نيٺ هڪ هڪ ٿي اوطاق پار ايندا ويا. ميٺي مون سان ڪيڪار پليڪار ڪئي. ٿورو وقت ته سپ سانت ۾ رهيا. پوءِ منجهانئن هڪڙي چيو ته ادا خبرون مڙيوئي خير. ڪلهه وڇاڙو آئي وڏيري جي اوطاق تي ويس. مڙس منجي تي ويٺو هو. چوڦير هاري ناري ڪونڊو ڪيو ويٺا هوس. ڪيڙيءَ پاريءَ جي ڪڙاڪ ۾ لڳا پيا هئا. مون به سري وڃي پاسو ورتس. وڃهه ولي عمر ۽ صفر بابت ماڻس ذڪر ڇيڙيو. چوم ته سائين هو يتيم آهن. سندن ڏاڏي، ڏوٺيءَ ڏؤٺا، جو راڻي ويچارن جا ويڙها ونها ڪري ڇڏيا. وڳر ڪان ولهيا، چورا چنا ٿيا. سندن قسمت ڪٿي جو ڪيڙين ۾ ڪامي ويا ويچارا پاڳين پڳل اوائون تي ويا آهن. نه آهن مٺن سان، ۽ نه آهن جيئرن سان. اڃا اکيون ٿي مس اپڙيون ته نڌ نڪا ٿيا. تن کي هاڻي نه ڀڳ، نه سڌ.

چوڻ چوائڻ ۾ انجو سڄايو ٿئي. پاڻهون ساماڻل آهن، حياتيءَ کي بقا ڪونهي. آدم ويچارو دم جو محتاج. ڪهڙي خبر ته جو دم اندر ويو سو وري ٻاهر ايندو، يا جو دم ٻاهر نڪتو سو وري اندر ۾ ايندو؟ اڄڪلهه جي جوان مڙسن تي چڱي جو چيو اثر ئي ڪونه ڪري. تون سڀني جو پريو مڙس آهين آئي هن ڪم جو نبيرو ڪر. جيسين هيءُ ڪم نه اڪيلو آهي تيسين اسان کي ۾ چورا ڪورا لڳي رهندي.

ڪڇهريءَ ۾ هڪ پريو مڙس، ٻر ٻت ۾ ڏهيل ۽ هلن جو ڏوڪر ويٺل هو، تنهن چيو ته ادا، پوءِ رئيس توکي ڪيهو جواب ڏنو؟ چيائين ته رئيس ٻيو ته ڪي ڪين چيو، رڳو ايترو چيائين ته واندڪائي تي ته ويچار ڪيندس. اهو ٻڌي هن پيرسن کي ڪاوڙ جا جڪ چڙهي ويا. تهي ڳاڙهو ٿي ويو. خابروءَ کي ڏاڍي چانپول ڪڍيائين. پوءِ ماڻهن ڏي مهاڙ ڪري چيائين ته "نانگ جهليو وڃون، چيائين ته جي تو ڇڏ ٻاس ته ڪوڙهيو ٿو ٿيان، ۽ جي تو ڳهانس ته ٻيٽ تو چيرجي." سو هن ٻار جي اندر ۾ ۾ هئي هڪ ڳالهه، ما جي ٿي روڪيائين ته آهڪ ٿي ٿيوس، ۽ جي باقي وڌئين ته اڃهو اهو مان مليس. وزيس ٻس کي ڪين. اڃايو پنهنجو منجهه ڀراون جي ڪن وجهي آيو "ديواني جي دوستي، ڪلهي تي ڪتو." ادا تو ته اهي اچا آس تي آندا آهن.

لڪ لڪ ڪريون. پر جڏهن ٻيڙي سير تي ايندي تڏهن ڪري ۽ ڪوٽي جي ٻاٺي ڪل ٻڌندي. هي ڇورا ڇنا، اڌورا ڪسڌورا، تڏهن به هنين جي ميراث جا مالڪ آهن. ٻائو! جي جنين، مي تنين. ميٺون مينهن جو پيٽون. لڪ هنئي ڀائي جدا ڪونه ٿئي. مانٽي آهي رت، جنهنجي لڄ جنهن ۾ هوندي، تنهن ۾ ڏوران ڏيکائي پيئي ڏيندي. اڄ به مٿن آگر ته سڄي ڏسو. اول اهي ڪاڪا جي ڪٽن ڪڙو ڪدو تا سمجهن مي اڄي ڳل ٻوندو.

خير- ڪهڙين ڳالهين اٽ لڏجن. مون ڪي ڪالهه سنڌن ڪاڪا ٻئي ڪلڊيا هئا. رحيم بخش ته ماليو رهيو ۽ اميدعليءَ البت سنڌن سور رنا. تنهن چيو ته ”اسان جواب ڪو ٿوروئي ڏنو آهين. ۽ چيو آهيون ته آنڪا نه ٿيو. منڊ سڻين ٿئي ته پوءِ اڄي نڪاح ڪري وڃو. پر هو آهين پرائين ڪنين. وڃن وڻ وڻ مان وائيندا ۽ ڳلانون ڪيندا.

ٽيءَ رات به مرشد سائينءَ کي ميڙ ڪري وٺي آيا. اسين اڳهئي هڪ مهلو ڪيون. پوءِ اهڙا نانڪ آئي وڃ تي وهارڻ مان ڪٿن ڪيهو لاڀ؟ جي ناراض ٿيا ته پيڙهيون ٻٽي وهندا. اسين ٻچڙوال ماڻهو ۽ير فقير ڪان ونئن وڃون. اسان جا هڏ پيا ڪنبن، اڳيئي ڪٿئون ڳهٺا هٿ لڳا آهن. هالي جي هي ڇورا اهڙيون اراڏيون

نڪا ڏياري ڇڏيندا سون. نيٺ اهو پهه پچائي، ڪچهري پوري ڪياسون. رات ڪا وڃي ٻه ٿي هئي اڌ، رات جو جهنگ مان آرن جو آواز اُئين پئي ٻڌم جڻ ميونسپل جا ڳڪهو ٿا وڄن. ڏانهائن جي نڪات وري اهڙي ته جهرمر لائي ڏني، جو ڄڻ ته ٻيڌر روڊ واريون بتيون ٻيون ٻرن. اُئين پاسا ورائيندي، سهاڳ ٿي ويو. صبح جو ماني کائي، هڪڙو پاڻ جهڙو وانڍو هٿ ڪري جهنگ جي سيل تي نڪتس.

———

# جهنگ جو سير

لاڙ جو جهنگ سنڌ جي ٻين ڀاڱن کان نرالو آهي. لاڙ ۾ مکيه وڻڪار آهي ڄاريون ۽ ٻير. ڄارين جا جهڳٽا ڪٿي ڪٿي اهڙا ڳوڙها ۽ گهاٽا، جهڙا قدرتي ڪوٽ. منجهن چورن جا ٽُم ۽ ميڙن جا ٽاڪ. ليون ۽ لاڻا ٻه جام ٿين، ليون رڃن ۽ ڇڃن ۾ ۽ لاڻا ڪلراٺن پٽن تي پسجن. ڪرڙ ۽ ڪسين جي ڪنارن تي ڪانهن جون قطارون ڏسبيون، منجهن پوک جا ويري جانور سيڙها، سوئر ۽ سها جام سهڙن. ٻيرن جي لامن تي تتر ٻيا ٽنوارين. آن پوک تي گيرا پيا ڪِرڪارين. ڪيڙن ۾ سَهن جون کوهون ۽ گدڙن جون ڏرون ڏسجن. ماڪ ۾ پاڻيءَ جا ڏنڀا ۽ ڍنڍون گهٽين ئي خوبين سان ڀريل آهن. ڪٿان ڏسو ته نار چاڙهيو زمين ريجائي رهيا آهن، ڪٿي ڏسبو ته ٻتيلن ۾ سير ۽ شڪار ٿي رهيو آهي. ڪٿان وري جوان ڏڪن جي ڏڪن سان آڙيون پيا آهرائين. ڪٿان ٻهڻ، ٻيڻ ۽ لوڙهه پيا ڪين. ڪنهن ڪنڌ تان وري رڃ وجهيو مڇ پيا

ي سگهون، تنهنڪري گهڻا نه ڪري ڪٿي ٿورو
هٿو ستاءِ. مون چيو ته ادا اسان کي علم ڪٿي آهي.
ڻ ثارڻ لاءِ پڙهي اکر سکيا آهيون، سرڪار مان
ڪهاڙي مليون پيئي، تنهن تي پيٽ پرندي پيا
ڪريون. اسان جو علم جهڙو آهي، تهڙو نه آهي.
اوهين گهومون ماڻهو گهڻا ٿي ملڪ گهميا هوندو.
ضرور ڪن چڱن جي صحبت مان ڪي رس پريا لڌا
سکيا هوندو. انهن مان ڪي ته پڌاءِ ته مان وندر
ٿئي، ۽ ڏينهن به ڪٽو ٿئي. ويچاري گهڻو ٿي ڪسايو،
پر نه ڇڏيومانس. نيٺ چيائين ته پڙهي ڏور ڇاٽان،
پر هوندا ڪچا ۽ ڦڪا، جو ته اسين اڻ پڙهيل
ماڻهو، تن کي ٿورو پتو ڪونه پوئي. مت منجهن
ڪا ڪچائي هجي، تنهنڪري ساڻ مٿي آهي.
منهنجي وري به زور پرڻ تي، لاچار ٿي ڪرڻ سالهي
اٿيو ۽ چيائين ته مالڪ ڏور ڏنو آهي ته:

عمر ڏلي هنئي اوچتي پڏي ميير مٿي،
مڃي رات سڪ ۾ هوءِ مارن لاءِ رُني،
جنهن کي عمر موڪل ڏني، سا مارئي رهي ماڙ کي.

(ڏور جو شاهد)

سمن پڏي سومري مان مارئي هلي ملير،
هت ماڙيون ڏنس مهڻا تو ڇڏيو ڪيئن حمير،
ثابت رکي سير، مارئي رهي مير کي.

پڌرو ڪرڻ نه فقط پاڻ عيب ٿا سمجهن پر پاڻ لاءِ نقصانڪار به ڄاڻن ٿا. انهيءَ ڪري هر هڪ منزل رسيدو بزرگ سمجهي ٿو ته:-

ميٺ پيڙيانئي، پلي، جي آهئي تہ واڻ،
پڌر پسيئي ڳالهڙي تہ چڏي ويندي ساڻ.

تنهنڪري سندن سموريون محفلون سام ۾ ٿين. هنن جو عام سان وهنوار گهٽ رهي ٿو، تنهنڪري مدائين سپرين جي سڪ سيني ۾ سانڍيو گهمن. اها سندن بندگي آهي. سنڌ جو سرتاج شاه عبداللطيف صاحب ڏسو. ڪيس ڪهڙي ڪٺي پيئي هئي جو پاڻ مسئي پنجي ويهي ڀنل لاءِ پار ڪيئي، ڏيرن کي ڏوراپا ڏي، ۽ جتن کي دڙيون ڪري. يا سهڻي پنجي ساهڙ لاءِ سيرون تري، ڪنن تان ڪاهي، چولين ۾ چلي ۽ واڳهائن سان وڙهي مطلب تہ قدرت جو پيار دنيا وارن تي ظاهر ڪرڻ لاءِ دنيا منجهہ ئي لڪڻو هوين ٿو. تنهنڪري جيڪي پولين ٿا تنهن آڏو پردو رکن ٿا. پردي رکڻ مان مراد اٿن پاڻ لڪائڻ. هو لڪن ٿا فقط دنيا جي ڪنن، اک ۽ زبان کان، جيئي سندن منزل آڏو رڪاوٽ وجهڻ لاءِ ڪافي ڪندا آهن.

اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪئين شاعر پيا سٽون ڏين. سندن عشقي، مذاقيہ، رزمي، اصلاحي ۽ اخلاقي شعر موجود آهن. انهن شعرن ۾ زماني جي حال مطابق جوش ۽ جذبو به سمايل آهي، پر وقتي ۽ نہ دائمي

انهن جي مقابلي ۾ سچن سالڪن جا سلوڪ ٿورو ويچاريوءِ ڪيترو نه منجهن ميٺاس آهي، ڪيڏي نه منجهن ڪشش آهي. ڪيترا ماڻهو روزانو آهي شعر مذهبي ڪتاب وانگر وڏي پاڪائيءَ سان ويهي پڙهندا آهن ۽ انهن مان لطف وٺندا آهن. اهو آهي سندن شاعريءَ جو معجزو.

هن شعر ۾ به شاعر صاحب هڪ سچو واقعو حقيقت جي پردي پٺيان ويهي بيان ڪيو آهي، جنهن کي عام طرح هرڻيءَ وارو معجزو چون ٿا، باقي هت نڪو عمر نڪا مارئي. هت قصو ٺهيو آهي، جنهن جو مختصر احوال هت ڏجي ٿو:

هڪ دفعي حضرت محمد صلي الله عليه و سلم جن ڪنهن ڪم سانگي ڪٿان لنگهي رهيا هئا ته اوچتو هڪ هرڻيءَ تي نگاهه پين، جا ڪنهن ماريءَ ڦاسائي هڪ وڻ ۾ ٻڌي ڇڏي هئي. هرڻيءَ جڏهن سردار دوجهان کي ڏٺو، تڏهن قدرت الاهيءَ سان هرڻيءَ کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا ٿي ويئي. نمائي ٿي حضور جن کي عرض ڪرڻ لڳي ته منهنجا ٻچا ڪالهونڪر بکن ۾ پاهه پيا ٿين. آءٌ جهنگ ۾ چاري لاءِ نڪتي هيس، انهيءَ لاءِ ته پيٽ توت ڪري کيرائڙي ٿي ٻچن کي آبو ڪرائيندي يس، پر هن ماريءَ جي ور چڙهي ويس. هاڻي خدا جي واسطي منهنجي فقط ايترو وقت جند آزاد ڪرايو، جو مان ٻچڙن کي کير پياري ۽ کائڻ

آخري طرح موڪلائي اچان. هرڻيءَ جي هيءَ زباني
ٻڌي، حضور جن کي رحم آيو، ۽ ماريءَ کي ننڍ مان
اٿاري، کيس هرڻيءَ کي موڪل ڏيڻ لاءِ چيائون.
پر ماري مڃي نه پئي. چوي ته پنهنجي سچي ڏينهن جو
شڪار هن ريت هٿن مان چو وڃايان. نيٺ حضور جن
هرڻيءَ جي واپس اچڻ تائين ماريءَ وٽ ضامن ٿي رهيا،
۽ هرڻيءَ کي ڇڏيو ويو. ٻچن کي جڏهن مٿين
حقيقت جي خبر پيئي، تڏهن ماءُ کي چوڻ لڳا ته
تنهنجو کير اسان کي حرام آهي. تون جلد وڃي
سردار دوجهان کي آزاد ڪراءِ، متان تنهنجي غفلت يا
ديريءَ ڪري ماري نه ستائين. پوءِ هرڻي پوئين پيرين
واپس آئي. هرڻيءَ جي سچائي ۽ حضور جن جي
رحم دلي ڏسي، ماريءَ کي رحم آيو ۽ هرڻيءَ کي
ڇڏي ڏنائين، جا هميشه لاءِ وڃي پنهنجن ٻچن سان
ملي. هيءُ معجزو ظاهري طرح سنڌ جي گهڻن شاعرن
بيان ڪيو آهي، جيئن ته رمضان ڪنڀر، سانوڻ فقير ۽
ٻيا. هن ڏور ۾ صرف نالن جي ليڪ آهي، معنيٰ جو
تعلق به پنهنجن واقعن سان گهٽ ميل جول رکي ٿو،
تنهنڪري ڏور سمجهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. نالا هن
ريت ڏنو معنيٰ آهن:

| | | |
|---|---|---|
| عمر | مراد آهي | سردار دوجهان (حضرت محمد صلي الله عليه و سلم) |
| مني | " | وڻ يا وڻ جو ٿڙ. |

| | | |
|---|---|---|
| ماروئي | ,, | هرڻي. |
| ماڙ | ,, | وطن، وٽاڻ. |
| سمن | ,, | انجام. |
| ملير | ,, | هرڻيءَ جو وٽاڻ. |
| حمير ۽ عمر | ,, | حضور جن. |

هاڻي ته معنيٰ صاف ٿي پيئي، جنهن جي شرح لکڻ جو ضرور ڪونهي. ساڻوڻ فقير جيڪي ظاهري طور بيت چيا آهن، سي به پڙهڻ لائق آهن، تن مان ڪي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

( ١ )

الله جلّ جلاله الله الصمد،
دروازا دوزخ جا باريءَ ڪيا هئا بند،
نرمل پنهنجي نور مان گالهه ڪئي پسند،
شاهه چڙهيو هو سيل تي ڪرين ٻورين ٻنڌ،
قاتل ڏٺائين ڦاهيءَ ۾ هرڻي انهيءَ هنڌ،
ست پيرا سڌ ڪيائين موٽي آءُ محمد،
ڪامل ڦوري ڪنڌ، ڏٺو حال هرڻيءَ جو.

( ٢ )

ڏسي حال هرڻيءَ جو موڪل ڏنيس مير،
سگهو موٽج پوئتي، ڏيئي ٻچن کي کير،
ضامن آهيان تنهنجو متان ٿئين دلگير،

ڪڏهن ڪبي ڪانڪا توتي تدا سير،
ٻاري ٻچائيندو ٻر ۾، تنهنجو ساهه سڌير،
اڳيان سجهي ٿي 'ساونڻ' چئي ڪاري قيام ڪبير،
سچ مڙيوئي سير، هرڻيءَ حڪم مڃيو۔

( ۳ )

هرڻيءَ حڪم مڃي چيو: ڪالهه ٻه ڪالهونڪر،
ٻاري منهنجا ٻر ۾ تا فاقو ڪانئين ڦر،
هادي انهيءَ هنڌ تي آءٌ چئي آيس چر،
پيا هوندا پٽ ۾ ٻچا منهنجي ٻر،
ماري ويندا معصومن کي ڪائي ويندا خر،
موين ايندا 'ساونڻ' چئي، آئي جيت ۽ جناور،
لچي ڏيئي لڱ، متان ٻچي وڃين تون ٻڌو ڪان۔

( ۴ )

چي نڪي ٻچان ٻڌو ڪان نڪي لر،
ڏيئي ڪير ٻچن کي، آءٌ وري ڪنديس ور،
قسم اٿم تو ذات جو، تون پاڪ پيغمبر،
ننڪ سچائي نر، پو حضرت کولي هرڻي۔

( ۵ )

حضرت هرڻي کولي، وٺي سنهن قسم،
ويجهي ٿي وٺڪار کي ڏڻائين تاتو ۽ تم،
ڪري پيٺي ڪلن تي دانهون ڪري دم،
ڏاڍي ولو ڏڱا اوهين دير لڳ ڪيو دم،

پنھنجي ڙي پسونڙا ڪا رُليي آهي رقم،
پسي گونڊر غم، هن جا پوپٽ ڪري پچا آئيا.

(٦)

پوپٽ ڪري پچا آئيا تون آما اويري،
دانهن ڪري درد مان ٿي ڏنگهر تي ڏيري،
ڏاڍي ولو ڏاڪڻا اوهين ڦر ڇڏيو ڦيري،
مڻان اچي اوچتو ڪو پير ڪٽي پيري،
ويڻو هوم وات تي سو وڪوڙي ويري،
آڻان آيو احمد چام جنهن پلي ڪيس پيڙي،
کڻيو پاهر پچن کي ٿي چمي جو پيري،
پڙڪيو پڇيري- ٿي موڪلائي معصومن ڪان.

(٧)

موڪلائي معصومن ڪان ڪجهيءَ پايو ڳل،
چيائون ڪير حرام ڏيو تون چوپيري چل،
پيا تنهنجا حرام ٿيا تون هچاري هل،
محمد جهڙي مير کي تون ورندي ڏيئي نه ول،
جنهن جو شاهه رڪندو شل، سا رهجي ويندي رسول سان.

هن معجزي کي بيان ڪندي "سانوڻ فقير" پارهن بيت چيا آهن. سون کي "ڏور" نئون علم ۽ هنر سمجهڻ ۾ آيا تنهنڪري، زور پريومالس ته کي وڏيڪ پڌاء. ٿورو سوچي وري پيو ڏور چيائين:-

(ڏور)

مومل ماڙيون چار ڪاڻ اڏايون مينڌري،

سوڍو سر ڇهو ڪينڪي وڻيس ڪين واپار،
جڏهن ڏنس ڏمس ڪنوار- تڏهين محاين رسيو مينڌرو

(شاهه)

مومل جي ماڙيءَ تي آيو راڻو رنگ ڪري،
ساڳو سچائوس سرتيون، اوهين ڦيان ڦري،
سا سر مومل مري، جنهن سوڍي کي سرهو ڪيو.

ڏور ڏيئي بس ڪري پاڻهي سمجهائڻ شروع ڪيائين. چيائين ته حضرت دائود عليه السلام جي وقت ۾ نصوح نالي هڪ شخص ٿي گذريو آهي. پهريائين ته هو وڏو دولتمند هو، پر پوءِ پنهنجي بدڪارين ڪري ڪنگال ٿي ويو. نيٺ سندس ڌنڌو وڃي رهيو مردن جا ڪفن لاهڻ. جيڪي مردا تازا پوربا هئا تن جا ڪفن لاهيو وڃي وڪڻندو هو. انهي وقت ۾ ڪا نيڪ ۽ پرهيزگار عورت آتي رهندي هئي. تنهن کي اچي خوف ٿيو ته هيءَ نامراد مون سان به ساڳي ڪار ڪندو ائين ويچار ڪندي هڪ ڏينهن نصوح کي پاڻ وٽ گهرايائين. چيائينس ته توکي ڪفن لاهڻ جي عادت آهي، پر مان توکي پنهنجي ڪفن جي قيمت ڪان پيشا پيسا ڏيان ٿي، انهيءَ لاءِ ته تون جيئن مٿي پچاٽان منهنجو ڪفن نه لاهين. نصوح رقم وٺي راهي ٿيو ۽ اهڙو انجام به ڪري ويو. مائيءَ کي انهيءَ هوندي به مٿس اعتبار نه آيو، تنهنڪري وارثن کي وصيت ڪري ڇڏيائين ته جڏهن آءٌ مران

تڏهن منهنجي قبر ساڻ گڏ ٻي ٻيون خالي قبرون به
آهي ڇڏجو، جيئن اهو ڪنهن کي منهنجي سچي قبر
سڃاڻي نه سگهي. جڏهن اهو وقت آيو ۽ مائيءَ دم
ڏنو تڏهن سندس وصيت موجب ڪيس چئن قبرن مان
هڪ ۾ نيئي پوريائون.

"هيرئي سندي هير ننگ پڳي به نه لهي" جي
مصداق، نصوح پنهنجو واعدو وساري، پنهنجي عادت
پوري ڪرڻ جي ارادي سان قبرستان تي ڪهي آيو.
هڪ هڪ ڪري قبرون کوٽڻ لڳو. جڏهن اصلي قبر
جا آڏا اُڪارائين، تڏهن هوءَ مائي، جا بزرگ ۽ خدا رسيده
هئي، تنهن جيئري جاڳندي تصوير ۾ اچي کيس هڪل
ڪري چيو ته حيف هجيئي! ليٽ ڪيڻ رهيئين!! مائيءَ
جو ڪالهائڻ ٻڌي هن کي ايترو ته ڊپ ٿيو جو هوئين
پيرين ولي پيئو، ۽ وهي ڪٿي ڪريو. ڏنيءَ جو
خوف مٿس ايترو طاري ٿيو جو سچي توبهه ڪري هميشه
لاءِ ڪنج خلوت ۾ رهي ڏني ياد ڪندو رهيو.

(ڏور جي معنيٰ)

| | | |
|---|---|---|
| مومل | مراد آهي | آها نيڪ عورت |
| ماڙيون چار | " | چار قبرون |
| ڏنس ڏس ڪنوار | " | نيڪ عورت جو کيس هدايت ڪرڻ |
| محلين رسيو | " | منزل تي پهتو، هدايت تي هليو. |

( شاهد )

مومل جي ماڙي مراد آهي نيڪ عورت جي ڦٻر
سوڍي کي سرهو ڪيو " بدڪار کي نيڪوڪار
ڪيو.

مون کي اڄڪلهه جي ادبي ماهرن جو ٿورو آزمودو آهي ته هو "ڏور" جي وجود تي گهڻ اعتبار ٿا ڪن، يا ته بلڪل ڪونه ٿا ڀڃين. مگر هنن کي ائين وسهڻ گهرجي ته ١٨ صدي عيسويءَ ۾ جڏهن سنڌي شعر ۽ شاعري چوٽ چڙهي ويئي هئي، تڏهن اهڙا سڌير به پيدا ٿيا هئا، جن عجيب معمائون ڇيون ۽ گفتگو ۾ ڪم آنديون. ٽپال جي پوري بندوبست نه هئڻ ڪري سالڪ هڪ ٻئي ڏي سام ۾ پيغام موڪليندا هئا، جن جي قاصد کي به سڌ ڪانه پوندي هئي. پر وقت جي بي پرواهيءَ ڪري اهي حڪمتون بي معنيٰ رهجي ويون ۽ جي پوءِ آهستي آهستي انهيءَ درجي تي اچي پهتيون جو مٿن اڄ ڪوبه اعتبار ڪونه ٿو ڪري! انهيءَ پيچيدي هنر جو شجرو هن ريت آهي:-
(١) بيت (٢) هنر (٣) ڏور (٤) ڳجهارت (٥) آڇاڻي يا پرولي (٦) ڏرِٽ. انهن ڇهن قسمن جو پاڻ ۾ لاڳاپو هن ريت آهي: بيت ۽ ڏور پاڻ ۾ ويجها آهن. سنڌن پولي ۽ بيهڪ ۾ ٿورو تفاوت رهي ٿو. (٢) ڳجهارت، هنر ۽ ڏرِٽ ساڳئي دفعي ۾ آهن. هنر البت پوليءَ ۽ بيهڪ جي لحاظ ۾ بيت ۽ ڏور سان مانڊي ڪري ڪري ٿو. (٣) باقي آڇاڻي يا پرولي به حقيقت ڪري

ڳجهارت جي ننڍڙي پيڻ آهي، پر پنهنجي خاني رهي ٿي. سڀ ڪان وڌيڪ ڏکيو سمجهڻ آهي ڳجهارت ۾ ڏٺ جو. باقي ڏور ۾ هنر مدار رکن ٿا وسيع معلومات تي. اهڙيءَ ريت آڇائي سمجهڻ لاءِ ء سمجهہ کپي.

خير، پوءِ تہ اچي ڏورن جي پلٽ شروع ٿي. سج بہ لڙي ويو، تنهنڪري آئي راهي ٿياسون. رات وري ساڳي اوطاق ۾ گذاري، صبح جو آئي روانو ٿيس.

# لاڙ جا ماڻهو

وِيا سي وينجهار، هِيرو لعل وَنِڊين جي،
تنين سندا ٻسوِيان سيهي لهن نه سار،
ڪَڻَن ڪَت لوهار، هاڻي اُنهيءَ ڀِٽين.
(شاهه)

ڪوڙو نه مٺو ڪلام آهي، کهڙو نه سهڻو شعر آهي. ميڻاس ۽ سوز سان گڏ منجهس ڪيترو نه سچ سمايل آهي. وچ ۾ صديون گذري ويون، مگر ڇا مجال جو سچي سالڪ جي سلوڪ سان ڪو وينجهار وڌ ڪري. جيڪي فرمايو اٿس، سو ڇڻ نه منڊيءَ تي ٽِڪي!

اوهان مان لاڙ جو اڳيون اوج پڙهي آيا. لاڙ جي اهميت کان واقف ٿيا، تنهن سان گڏ لاڙين جي ٽورن جا ٽورائتا به ٿيا. اڄ وري ان لاڙي سر زمين وهي ڏسو. "هنج هلي ويا ملڪ ماڻ، وڃي جاءِ جهلي زاغن". نه آهي سالڪ، نه آهي شاعر ۽ نه آهي وينجهار ٿي رهيا ملڪ پڙهيڪ لڳو پيو آهي. نه منجهس آهي مزيدار

ٿي آيون. اڄ انهن جو حال مَ ڏٻلو پتلو آهي. ڏسين پڊرن جو اولاد اڄ لوڙهي کان ٻاهر ٻڌجي ٿي ڪونہ ٿو. پنهنجي تہ ڪانہ ٻارياڻون، پر ابائي اُهي اڄهاڻي وڃي رهيا، جن کان ساري سنڌ سکي، سي پاڻ سڌجن ڪورا چٽَ! علم کان عاري، سست، هيٺا ۽ بزدل. سيد جي نمڪ جو ٻٽت کي احساس ٿئي، سو هنين وٽ سورهين ڪينهين! مطلب تہ تار کان توائي ۽ تال کان ٻاهر آهن.

عام طرح لاڙي ماڻهو سادا سودا، ڀالا ڀولا ۽ موڙهل آهن. منجهن علم، چستي چڙڪائي کهٽ. ٻين حالتن ۾ سرسري وچڙا. اقتصادي حالتون بہ نہ ساراهہ جوڳيون، ۽ نہ نِدا لائق. مطلب تہ وچون وَهَمَ پيا وَهَنَ. ابائي ورثي مان باقي وٽن فقط سادگي ۽ مهمان نوازي موجود آهي، پيو ٽيو ٻاو، ماڻهو زبان جا مِٺا ۽ لحاظ وارا آهن. دولت جي نشي وارا بہ اهڙي اک پور ۽ واه وڏائي ڪانہ رکن. قديمي زميندار ۽ جاگيردار سدائين سادي نموني هلن. سنڌن اوچ پهر، کاڌ خوراڪ، ٻولي چالي، آٿ ويهہ، سڀ سادي نموني. اجا بہ ڪي شهري لاڳاپي وارا ماڻهو، يا جن مغربي تعليم ورتي آهي ۽ مٿن آتان تعليم جو اثر ٿيو آهي، سي البت ڦيريل رنگ واري جيوت گذارين، تن جي آٿ ويهہ، پهرپوشاڪ ۽ گفتگو ۾ فرق آهي، باقي هنا سڀ ساڳي رند هيا رڙهن.

علميت ته منجهانئن ويئي ڇڏائي، تنهنڪري معلميت جو نالو ته مٿانئن بنا ڏني ورتي ڪيڏي ڇڏي ويو آهي. باقي رهيا مڙيئي ماڻهو، تن جو گذر اوقات ٽن درجن ۾ وراهي سگهجي ٿو: (١) زميندار (٢) هاري (٣) مزور ۽ مالدار. زميندارن کي پاڻي جام پر، زمين مان ايتري اوپراس ڪانه اٿن، جيتري هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته زمينون گهڻو ڪري يڪ فصليون آهن، تنهنڪري واڌ کوٽ جي پورائي ۾ پنجو وڃي. زميندار پاڻ بت تي ڪو ڪونه ڏين. سندن سارو ڪاروهار ۽ ڪم ڪمدارن جي حوالي ڇڏيل هوندو آهي. فصل لٺي حساب ڪتاب ۾ انهن جي بلي. زميندار فقط حقو ڏانڪي اوطاق جي سونهن ٿيو ويٺا هوندا آهن، علم منجهن خير ڪو آهي. ليکي چوکي جي سڌ ڪانه پوين، تنهنڪري ڪمدار جيڪي هٿ سان ڏيندن، سو غنيمت سمجهي صبر ۽ شڪر ڪري ويهي رهندا. اهرئي سبب آهي جو سڀين ديهن مان پيٽ پورائو به مس ٿو ٿيئين. پنهنجي ڪچي پڪيءَ تان گهرو ڪرڻ ڪانئن ڪونه پڄي. تنهنڪري جو پنو تنهن ڇنو. ڏارو ڏارو ٿي سڄي لنجو وڃي. سندن گهرو ڪاروهار هلي ڪنهي ڪنڌي تي. بنئيءَ ڏيڻهان واپاري وٽ هي ڪٿي آيو ته هڙ موڙي هضم.

جو پوليندو سو لهندو. پلا هجي ڪا لکيت جنهن مان پورو پوبن! ٻچاڙيءَ ۾ ايترو ڪونه ٻچندن جو ٻج لاءِ رکن. واپاري وري هٿن تڏ ڪاپاري. وٽن هڪ ٻيا تہ ڏين وري پيٽي ٻتَها سان. زميندارن کي ٻج وري بہ واپارين کان وٺڻو پوي. تنهنڪري "آدي مٽي، آدو ڇاڻو اسين اوتري جا اوترا." هارين ۽ مزورن کان وڏيڪ زميندار قرضي ڏسبا. جي ڪنهن کي ڪنهن فصل تان چار ڪٽيون ٻچيون تہ پوءِ وجهندو نانگن جي پرن ۾ هٿ، ويندو اونڌيون مٿيندو. جيسين هڙ هلڪي نہ ٿي اٿس تيسين مٺڪ نہ سمهندو. غريب مار البت ملڪ ۾ گهٽي.

سهنيرڙا هيٺن تي هلائون ڪرائين، غريبن جا جهڳا جهورائين، ۽ سندن چوريون ڪرائين وغيره. پاٿاريداريءَ جو نمونو ملڪ ۾ گهڻو. تنهنڪري چڱو مڙو سپ پوليس جي اک. جيسين ڳنڍي نہ کولين تيسين ڪٿي ٿا پنڪو بچائين، ڪنهن نہ ڪنهن اوطاق تي ضرور پوليس جو ڏنب لڳل ڏسبو. ڪڏهن ڪنهن جي ڪاٺ جي ڳولا ۾، ڪڏهن ڪنهن جي وَهٽ جي پڇا ۾. مطلب تہ مڙيوئي ڪونہ ڪو مامرو مٿي تي هوندن. جيڪي چار ڏوڪڙ ٻچن جي قوت لاءِ پاسيرا ڪري رکيا هونداءون، سي ٿيندا انهن واڳن جي بلي ۽ پاڻ

ڪن پنھنجو سڪ سال جي سھنج تاڻ گھوريو ڪيو ڇڏين. مال ونن جوء آھر ٿئي. ڇاڪاڻ تہ سيڪو چوپايو مال ساڳيءَ جوءِ ۾ جالي ڪين سگھي. رڍون، ٻڪريون ۽ مينھون ڪَڪ کائين، تن لاءِ ٻيلا سَچ سمان آھن. ٻڪريءَ ۽ اٺن لاءِ ٻن ضروري آھن تن لاءِ وري ڪک ڪي ڪين آھن. تنھنڪري مالدار مال جي سانگي وتن راتوڙا رھندا، جھنگ جھر جھاڳيندا، ۽ ملڪ ماپيندا اھي نہ سڪ سنڀرن ۽ نہ سور سڃاڻن. آھي جن تہ جاوائي مال جي تات لاءِ آھن.

# ماڻھن جي پوشاڪ ۽ رھائش

ماڻھن جو ڏيک ويک ملڪي حالتن تي گھڻو مدار رکي ٿو. لاڙ ملڪ ڏڪار جي ڏنجھہ کان گھڻو ٻچيل رھي، جت آميا آن ٿين تت وري ٻي ڪنھن جي ڪاڻ. ماڻھو گھڻو ڪري ھڪ حالا، اوچ ٻھر ۽ مرد سادا. زالون اڃا به اوچيءَ اوچ تي دل ڪين. ڪپڙي جو زيان جهڙا مرد، تهڙيون زالون. سيني کي ڪوڊ والون ڏسبيون. اوڀداڻي جي اوچ ڪاڻ چيلھہ چٽڙ سپ ڪلديا پيا ھولدن. زالن کي ٻاچن تي زريءَ ڀراڻ جو گھڻو شوق ٿئي. مرد به ڪي ساڻن انھيءَ شوق ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين. يعني انهن جي ٻاچن تي به زري لڳل ڏسبي. وڏگھراڻا ٻروچ ته سچا زريءَ سان ٿقيل ڏسبا. ڪوٽ، قميص، سٿڻ، ٽوپي، وهندي جتيءَ تائين زريءَ جڙيل ڏسبين. عام مردن کي مٿي تي ٽيڙها، ڪلهن تي اجرڪ، ۽ ٽنهن وچڙ ٿلائين ٻنار پيل پسبي. لاڙي ماڻھن جي سڃاڻپ جون اهي خاص نشانيون آهن. ڪي ته ويچارا صفا غريب آهن، جن جون اوچون آڪا ٿي رهن، تڏهن

ڏٺو ٿي. ڪٿي ڪٿي ائين به ڏسڻ ۾ آيو ٿي ته جن ماڻهن برقعي جو استعمال نٿي ڪيو، تن تان ڇڙون ڪيون ويون ٿي. سبب اهو ٿي ڄاڻايو ويو ٿي ته برقعو فقط پيرن ۽ سيدن لاءِ مخصوص ٿيل آهي، تنهن ڪري ٻيا ماڻهو استعمال ڪري نٿا سگهن.

لاڙي ماڻهن جي رهائش ڪوهستاني قومن کان گهٽ سڌريل آهي. ماڻهو شهر يا ڳوٺ ٺاهيو تنهن ۾ رهن. ملڪ سائو، آبادي گهڻي. تنهنڪري آدم به منجهن گهٽ رهي. واپاري ڏي وٺ ڪري ڳوٺن ڳوٺن سان ۽ شهر شهرن سان، وڏن رستن ذريعي ڳنڍيا پيا آهن. ڳوٺن ۾ اسڪول، ٽپال آفيس، ڊڪ ۽ اسپتالون وغيره آهن. وڏن ڳوٺن ۾ پوليس چونڪيون ۽ سرڪاري آفيسون به آهن، انهيءَ ڪري ڳوٺن جي حالت سڌريل نموني تي آهي. صفائي سٿرائيءَ جو خاطرخواهه بندوبست ٿيندڙ آهي. ڪن شهرن ۾ ميونسپالٽيون ۽ سينيٽري بورڊون آهن، جي شهر جي سنڀال تي خاص ڌيان ڏين. سرڪار به پنهنجي طرفان ڳوٺن سڌارڻ تي گهڻو ڌيان ڏيندي آهي. باقي مارو ماڻهو، جي گذر جي سانگ سان ٺيٺ پهراڙين ۾ رهن ٿا، تن جي رهائش ڪا اهڙي سٺي ڪانهي. ڪکاون گهر، تن کي ڍنگهرڻ جا مڙس قد لوڙها لڳل هوندا. ساڳئي ڪٽنب جا گهر، سڀيئي هڪ لوڙهي اندر هوندا، جن جي لنگهه لاءِ هڪڙي ٿي ڳلي هوندي. شهرن کان وڌيڪ آدم

ڀھراڙيءَ ۾ رھي ٿو، ھر سڀ پنھنجي سانگ سارو رھن. ڳوٺ ڀڏي رھڻ جو انھن ۾ خيال گھٽ آھي. هاري ناري ڀوڪ جي سھنج تي ڪَڙين ۽ واھن جي ويجهو اجها اڏيو ويھن. مالدار مال جي سانگ سان وڏراھ ويجهو وڃيو ويھن.

# لاڙ جي صحت

لاڙ جا ماڻهو ڪاڇي جا ڪاپار، هڏ ڳوڪر، ٿلها متارا ۽ ڦداور آهن، پر سنڌ جي ٻين ڀاڱن وارن ماڻهن کان البت گهٽ. انهيءَ ٿولهه ۽ متارائپ هوندي به هو سست، ٽپل ۽ هيڻا واقعي آهن. سندن چهرو ڦڪو، منهن لٿل، بند منجهيل ۽ لنگ رڌل آهن. ڪم تي چاهه گهٽ ۽ ننڊ تي پيار وڌ اٿن. سمجهجي ٿو ته گهٽ ڪم ڪرڻ ڪري هنن تي ڄوڙو چڙهي ويو اٿن. سستي منجهن گهر ڪري ويٺي آهي. زمين لاهي، تنهن تي پاڻي اچي موڪ، تنهنڪري ڪوڏر جي ڪمائي سنهن ٿي ڪونه.

هوا ملڪ جي ڳهميل، تنهنڪري ڪوسي ٿڌي نه سهائن ۽ نه ستهن. مهرن جي ملڪ ۾ سخت مار، سڄو سرءُ تپاوليءَ ۾ ڪهارين. سوپاري جي ڇاپي جي هير اپتري اٿن جو آن سنئون واپاريءَ کي سوپارين جو ڪنڌو پرين. هر ڪنهن جي ڪيسي ۾ سونڙي ۽ سوپاريون سدائين هونديون. سوپاري رت جو وڃائڻ آهي، سوپاري ڪانڪ نه ڊوڙي سگهي ۽ نه ڪم ڪري سگهي.

ٿورو ٿڦ آهس تہ سٺهڪي پيئي پولدس. الهن سببن ڪري لاڙي ساٿهو ڏٻري ڍور مثل هيڏا ۽ سست آهن.

ملڪ ۾ ميلن ملاکڙن جو شوق بہ ڏاڍو آهي. تنهنڪري مَلهہ جا ڪوڏيا جوان، جي پنهنجو ٻلُ ڏيکارين ٿا، سي ڏاڍا جوان ۽ پهلوان آهن، باقي عام طرح منجهن چاڙهو ڪوهي. ڪنهن ڏکئي ڪم ۾ لڳا تہ ڪوڙي ڏاند وانگي پڙ ڪڍي ويهي رهندا. نِڪمي ماڻهوءَ جي نشاني آهي ڇُنِيچ چٽيل ۽ پيٽ پريل. اهي علامتون لاڙين ۾ البت سرس آهن، تنهنڪري سندن صحت سٺي ڪانہ چئبي.

# ڏسڻي

## ١- ماڻهن، قومن، ذاتين ۽ ٻولين جا نالا


(الف)

الهه بچايو يار محمد سمون الف
ارغون ٢٢
اسحاق آهنگر ٢٤، ٢٥، ٢٩، ٣٢، ٣٧، ٥٤
آخوند محمد قاسم ٥١
ايراني ٥٧
افغاني ٥٧
انگريز ٥٧، ٦٤
آريه ٥٩
ايرانش ٦٠، ٦١
آسامي ٦٠
اڙيا (لاوڙيسا) ٦٠
اميد علي ٨٨

(ب)

بزيسل ١٧
برنڊ هيگ ٢٦
بانڪو شاه بهرام ٣٦
برج پاشا ٦٠
بنگالي ٦٠
برهمڻ ڪهراڻو ٦١
بلوچي ٦٤، ٦٥

(ڀ)

ڀڏ ڏرم ٥٠

(پ)

پيرو مل ٤١، ٦٧
پوجوري ٦٠

(ت)
تماچي ۱٦، ۲۴
تاجاڻي ۲۸
ترڪي ٦۴، ٦۵
(ٽ)
ٽالپر ۲۷-۲۸، ٦۳
(ث)
ثابت علي شاه ۴۹
(پ)
پنهون ۱٦
پارسي ۵۷، ٦۳، ٦۵
پالي ۵۹-٦۰
پراڪرت ٦۰
پشاچي ٦۰
پڇمي هندي ٦۰
پنجابي ٦۰
پشپالوڪ ٦۰
پورچوگيز ٦۳، ٦۵
پشتو ٦۴، ٦۵
(ج)
جکرو ۱٦
جمن چارڻ ۴۹
جرمن ۵۷
ڄين ذرو ٦۰
(ڄ)
ڄام جوناه ۲۳
(چ)
چنيسر ۱٦
ڇٽرجي ۵٦، ٦۱
(ح)
حافظ شيرازي ۳۷
حافظ حامد ۵۴
حضرت محمد ڪريم ﷺ
۹۷، ۹۹، ۱۰۱
حضرت دائود عليه السلام
۱۰۲
(خ)
خواجه محمد زمان لواري وارو
۴۳، ۴۴، ۴۵، ۵۴، ۵۵
خليفو گل محمد هالائي ۵۰
(د)
ديوان خوشيرام ۳۸
دارد رڪ ٦۱، ٦٦
(ڏ)
ڏيون مل ۷۱
(ڊ)
ڊاڪٽر بلوچ ۴۳، ۴٦، ۴۷،
۵۵، ۵٦، ٦۸

ڊاڪٽر ڪرپلاڻي ۴۴
ڍچ ۵۷

(ر)

راڄو ۲۴، ۲۹، ۳۷
راءِ ڏياچ ۳۶
روسي ۵۷
راءِ گهراڻو ۶۱
رحيم بخش ۸۸
رمضان ڪنڀر ۹۸

(س)

سسئي ۱۶
سومرا ۲۲، ۳۶، ۴۱، ۶۱، ۹۴
سما ۲۲، ۲۸، ۲۹، ۶۳، ۹۴
ساموئي ۲۶
سسئي پنهون ۳۶
سهڻي ميهار ۳۶
سرفراز ڪلهوڙو ۴۹
سچل سرمست ۵۰
سنسڪرت ۵۸، ۵۹، ۶۰
سورداس ۶۰
سرانڪي ۶۲، ۶۴، ۶۵، ۶۶
سر بارٽل فريئر ۶۵
سراج الحق ميمڻ ۹۷
سانوڻ فقير ۹۸، ۹۹، ۱۰۰، ۱۰۱
سوڍو ۱۰۲، ۱۰۴
سيد فاضل شاهه فاضل ۵، ۵۳، ۵۴

(ش)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۱۲، ۴، ۳۲، ۳۹، ۴۳، ۴۵، ۴۷، ۴۸، ۵۴، ۵۵، ۹۶
شاهه عبدالڪريم ۳۰، ۳۱، ۳۷، ۳۸، ۴۳، ۵۴، ۵۵
شيخ حماد ۲۴، ۲۹، ۳۲، ۳۷
شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽه ۳۰، ۴۵
شاهه عنايت صوفي ۳۱، ۳۸، ۳۹، ۴۳، ۵۴، ۵۵
شاهه عنايت رضوي ۳۱، ۳۹، ۴۳، ۴۵، ۴۶، ۴۷، ۵۴
شاهه محمد مڪي ۴۵
شوُر سيڻي ۶۰
شمس الدين ٻيل ۸۲

(ص)
صفر ٨٣، ٨٧
(ع)
عبدالله ١٧
عرب ١٥، ٢٠، ٦١
عمر سومرو ١٧، ٩٥
عمر مارئي ٣٦، ٤٥، ٩٤
عنايت فقير ٣٩
عليڻواز جتوئي ٦٧
عمر ٨٣، ٨٧
(غ)
غلام شاه ڪلهوڙو ٤٢
غلام محمد شاه گدا ٥٤
غزنوي ٦٣
غلام علي الانا ٦٧
(ق)
قاضي قاضن ٢٨، ٢٩، ٣٠، ٣٢، ٣٧، ٥٤
قليچ ٥٤
(ڪ)
ڪوڙرو ١٦
ڪئپٽن جارج اسٽڪ ٢٣
ڪلهوڙا ٢٧، ٢٨، ٣٢، ٣٣، ٣٩، ٤١، ٦٣
ڪاليداس ٥٩
ڪوڪني ٦٠
ڪشميري ٦٠
(گ)
گرامي (مرحوم غلام محمد) ٢٤، ٢٥، ٢٦، ٢٧، ٣١، ٣٧، ٣٨، ٣٩، ٤٣، ٤٩، ٥٠، ٥٢، ٥٤، ٥٥، ٥٦، ٥٨، ٦١، ٦٢، ٦٧
گرو نانڪ ٢٧
گريئرسن ٥٦
گجراتي ٦١
(ل)
ليلا ١٦
ليليٰ مجنون ٣٦
لطف الله قادري ٣٨، ٤٣، ٥٥
ليلارام وطن مل ٥٤
(م)
محمد بن قاسم ١٥، ٢٠
ماموئي ٢٥

مارئي ١٧، ٩٥
مومل ١٧، ٣٦، ١٠١، ١٠٢، ١٠٣، ١٠۴
مخدوم نوح رحمة الله عليه ٣٠، ٣١
مخدوم آدم سميجو ٣٠
مخدوم ضياءالدين ٣١، ٣٣، ۴٠، ۴٢، ٥۴
مولوي ابوالحسن ٣١، ۴١
ملا معين ٺٽوي ٣١، ۴٢
مخدوم محمد هاشم ٣١، ۴١، ۴٢، ٥١
ميان محمد حسين ٣١، ۴١
مخدوم محمد ابراهيم ٣١
مخدوم عبدالله ٣١، ۴١، ۴٣، ٥۴
موسي آهيداني ۴٦
مير ڪرم علي ۴٩
ملا سرفراز ۴٩
مير عبدالحسين سانگي ٥۴
مرتضائي ٺٽوي ٥۴
مخدوم عبدالرحيم گروهڙي ٥٥
مها راجا اشوڪ ٥٩
مرهٽا ٦٠
ماڪدي ٦٠
مها راشٽري ٦٠
مٿلي ٦٠
ملباري ٦۴
مير بحر ٦٦
ميندرو ١٠١، ١٠٢
مورڙو ١٧

(جهہ)

جهڪميو ٦٩

(ن)

نوري ١٦
ننگر ٢٦
نواب اعظم خان ٣١
ناڪر اپڀرانش ٦١
نصوح ١٠٢، ١٠٣
ناگپوري ٦٠

(و)

وراچڊ اپڀرانش ٦١

(هہ)

هير رانجهو ٣٦
هندو ٥٧، ٥٩

(ي)

يوسف زليخا ٣٦
يوناني ٥٧

## ٤- شهرن، ملڪن، مڪانن، ڍنڍن، ندين جا نالا

(الف)

ايراني نار ١٤

افغانستان ١٤، ٦٤

ايران ١٤، ٢٣، ٢٨، ٣٢

اروڙ ٢٥، ٢٧

(ب)

برهمڻ آباد ١٤

ڀڳورو ٦٩

بلوچستان ٦٤

بنارس ٥٨

(پ)

پارٿ ١٤

ٻنڀور ٤، ١٤، ١٦

(ٺ)

ٺٽو ٢٤، ٢٩، ٣٩

(ٿ)

ٿر ٩

(ح)

حجاز ١٤

حيدرآباد سنڌ - الف ٩، ١١، ٢٤، ٥١

(جهه)

جهوڪ ٣١

(د)

دادو ٩

ديول بندر ١٤

دهلي ٣١

(ڏ)

ڏکڻ آفريڪا ٥٧

(س)

سنڌ ٣، ١٤، ١٥، ١٧، ١٨، ٢٠، ٢٥، ٣٠، ٣١، ٣٣، ٥٦، ٧٩، ٨١، ٩٢، ٩٦، ٨٠، ١١٨

سوڊان ١٤

سورت ١٤

سيوهڻ ٢٨

سنڌو ندي ٥٦

سوالڪا ٦٨

(ع)

عراق ١٤

عمان ١٤

عربستان ١٥، ٣٢

عمر ڪوٽ ١٧
عربي سمنڊ ١٧

( )

ڦليلي ١١

(ق)

قنڌار ٢٨

(ڪ)

ڪراچي ١٠، ١١، ٦٦
ڪوٽڙي ١٠، ٦٦
ڪينجهر ١٦، ٦٨، ٦٩
ڪلاچي ١٧

(ک)

ڪڏو (ڪراچي) ٦٦

(ل)

لنڊن ـ ب
لاڙ ـ الف ٢، ٣، ٧، ٩، ١٣، ١٤، ١٥، ١٦، ١٧، ١٨، ١٩، ٢٠، ٢١، ٣٣، ٦٦، ٦٨، ٩٢، ١٠٦، ١٠٧، ١١٤، ١١٨
لغاري ٤٣
لڪمير ديهه ٤٦

(م)

ميسر گنڊو ١٤، ٢٠
مصر ١٤، ١٥
ملبار ١٤، ٦٤
مڪران ١٤
مڪلي ١٧، ٤٢
مغلڀين ٨٢
مٿرا ٦٠
ماگدا جهار ٦٠

(ن)

نيرون ڪوٽ ١٤
نجد ١٤
نصرپور ٤٣، ٤٦

(ھ)

هاڪڙو ٢٥، ٢٧
هالا پراڻا ٥١
هيلايا ٦٨
هندوستان ٦٠

(ي)

يمن ١٤

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڙهندڙ نسل - پَ نَ

ٻَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهه جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نه وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙھي سماجي حالتن کي بھتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنھنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻَ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا. بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منھنجا ڀاءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلھي پاتم ڪينرو)